REG NO. 3833

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) سومر ڀهرين اپريل 2024ع بمطابق 21 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 307

وزيراعظم آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪرڻ لاءِ وزيرن کي حدف ڏئي ڇڏيا آهن: عطاءُالله تارڙ

وزيراعظم هر وزير کي جيڪي حدف ڏنا آهن. انهن کي جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڏٺو ويندو ته اهي حدف حاصل ڪيا ويا آهن يا نه. لکت ۾ سمورن وزيرن کي آگاهه ڪيو ويو آهي

فنانس جي وزير کي به حدف ڏنا ويا آهن جنهن ۾ مهانگائي ۾ گهٽتائي ۽ ايف بي آر جي ڊيجيٽلائزيشن جو حدف ڏنو ويو آهي، پهريون ڀيرو وزارتن کي اهي حدف لکت ۾ ڏنا ويا آهن

هاڻ هن ملڪ ۾ هڪ متوازن ڪابينه عمل ۾ آئي آهي، احتساب جو عمل به شروع ڪيو ويو آهي. واپاري خساري کي گهٽ ڪرڻ ۽ ناٽي جي متاستا کي وڌائڻ حدف آهي

سڄي دنيا ۾ اسان جي آءِ ٽي ايڪسپورٽ جي تعريف ڪئي پئي وڃي، سڄي ملڪ ۾ جديد ڊيجيٽل نظام کي آڻڻ جو ٽارگيٽ ڏنو ويو آهي، ملڪ ۾ غيرقانوني هٿيارن جي خلاف ڪريڪ ڊائون جو حدف ڏنو ويو آهي

ڊسمبر 2027 تائين عرب ملڪن جي برآمدات ۾ اضافي جو حدف ڏنو ويو آهي، دوست ملڪن سان واپار ۽ لاڳاپن ۾ اضافو، خواندگي جي شرح جي حوالي سان ۽ جيڪي ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن انهن جي تعليم لاءِ به حدف ڏنا ويا آهن

لاهور (م ڊ) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءالله تارڙ چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف ڪابينه اجلاس ۾ آءِ ايم ايف شرط پوري ڪرڻ جي لاءِ وزيرن کي حدف ڏئي ڇڏيا آهن. ماڊل ٽائون لاهور ۾ مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي سيڪريٽريٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي اطلاعات واري وزير چيو ته گذريل وزيراعظم جي صدارت ۾ ڪابينه جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم سمورن وزيرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: سنڌ سماءَ جو وفاقي وزير عطا تارڙ پريس ڪانفرنس ڪندي

اليڪشن ڪميشن سينيٽ

چونڊن جا سمورا انتظام

مڪمل ڪري ورتا

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن سينيٽ چونڊن جا سمورا انتظام مڪمل ڪري ڇڏيا آهن ۽ 2 اپريل تي 28 سيٽن تي 59 اميدوارن جي سيٽن تي مقابلو ٿيندو عملدارن مطابق ڪميشن سينيٽ جي 48 خالي سيٽن تي چونڊن جو اهتمام لاءِ نوٽيفڪيشن 2024ع تي جاري ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آصف پيتو زرداري جي ڪاميابي کي تڪراري بڻايو پيو وڃي، صوبي ۾ امن قائم ڪنداسين: سنڌ حڪومت

آصف علي زرداري کي نوابشاهه جي سيٽ تي 50 هزار ووٽن جي برتري هئي، پي ٽي آءِ آصف پيتو جي فتح کي تڪراري بڻايو، آصف پيتو جي مقابلي ۾ ڪنهن به اميدوار جي ڪا به حيثيت نه آهي: سعيد غني

پي ٽي آءِ جو پروپيگنڊا سيل هر شيءِ کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، آصف پيتو جي سامهون 11 اميدوارن ڪاغذ جمع ڪرايا، شير محمد رند ۽ ان جي پٽ جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيا

پيپلز پارٽي جڏهن اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي ته مخالفن احتجاج ڪيو، جي ڊي اي ۽ جي يو آءِ (ف) کي سنڌ ۾ شڪست ٿي. جي يو آءِ جو ڪو به هڪ اميدوار فارم 45 سامهون ڪڍي اچي ته اهو ڪٽيو هو

سنڌ ۾ امن امان قائم ڪري ڏيکارينداسين. ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيم ۽ ڪچي جي علائقي ۾ امن امان جا مسئلا آهن. ملتان، سکر موٽروي بند نه آهي، شڪارپور، سکر، گهوٽڪي جي ايس پيز کي تبديل ڪيو آهي: ضيا لنجار

ضياءَ لنجار وڌيڪ چيو ته پوليس جي جوانن امن قائم ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. پوليس جا حوصلا بلند ڪريو ته جيئن اهي ڪچي ۾ وڙهي سگهن، گهوٽڪي، ڪشمور ضلعن ۾ هڪ هزار پوليس نفري اماڻي رهيا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ سعيد غني چيو آهي ته اسان ڪنهن به اميدوار کي اغوا نه ڪيو آهي، ان حوالي سان سمورا الزام بي بنياد آهن. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي سعيد غني چيو ته نوابشاهه جي سيٽ تي پيپلز پارٽي هميشه وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي رهي آهي، 2018 ۾ به پيپلزپارٽي انهي سيٽ تان وڏي اڪثريت ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اقليتن سميت سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: آصف زرداري

آئين سمورن اقليتن جي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ملي ڪم ڪرڻو پوندو

ايسٽر جو تهوار اميد، محبت ۽ خوشحالي جو پيغام آڻي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان جو آئين سمورن اقليتن جي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني ۽ ضياءُ لنجار پريس ڪانفرنس ڪندي

بدامني جو سبب قبيلائي جهيڙا آهن، نگران حڪومت ۾ صورتحال خراب ٿي: مراد علي شاهه

نگران حڪومت دوران امن امان جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿي، جلد پوليس کي ملٽري گريڊ جا هٿيار ڏنا ويندا

ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، گهوٽڪي، سکر ۽ جيڪب آباد ۾ بدامني جو سبب قبيلائي جهيڙا آهن. جلد جهيڙن کي ختم ڪيو ويندو

قبيلائي تڪرارن جو خاتمو ڪرايو ويندو، پوليس عملدارن جون شهادتون ٿيون آهن. فوج کان مدد وٺنداسين ۽ ان لاءِ وفاق سان رابطو ڪيو ويندو

غوثپور (رپورٽر) وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته نگران حڪومت دوران امن امان جي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حساس ڄاڻ جو تحفظ ۽ سائبر حملا روڪڻ

لاءِ وفاقي حڪومت نيشنل ڪمپيوٽر

ايمرجنسي رسپانس ٽيم جوڙي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) حساس ڄاڻ جي تحفظ ۽ سائبر حملا روڪڻ لاءِ وفاقي حڪومت نيشنل ڪمپيوٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

غوثپور: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پي ٽي آءِ سينيٽ چونڊن جي بائيڪاٽ جو بهانو بڻائي رهي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

پي ٽي آءِ جا چونڊون وڙهي رهي آهي، انهن اجا رٽائرمينٽ جمع نه ڪرائي آهي، عمران خان بي بنياد الزامن جي سياست چاهي ٿو

هنن رٽائرمينٽ جمع ڪرڻ بدران رڳو پريس ڪانفرنس ڪئي جيڪا بيان بازي ۽ ڪهاڻي کان سواءِ ڪجهه ناهي

پي ٽي آءِ وارا ڪنهن به قيمت تي رٽائرمينٽ جا ڪاغذ جمع نه ڪرائيندا ميڊيا پي ٽي آءِ جي هٺ معيار کي جانچي سگهي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي اڳواڻ ۽ سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پي ٽي آءِ سينيٽ چونڊن جي بائيڪاٽ جو بهانو بڻائي رهي آهي پي ٽي آءِ اڃا چونڊون وڙهي رهي آهي، انهن اڃا رٽائرمينٽ جمع نه ڪرائي آهي. هڪ بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پي آءِ اي انتظاميا جو اجلاس، 20 اپريل تي ڪراچي ۾ طلب

انتظاميا ايئر لائن جي سمورن شيئر هولڊرز کي اجلاس ۾ شرڪت ۾ دعوت

نجڪاري سميت اهم معاملن تي شيئر هولڊرز کي اهتمام ۾ ورتو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پي آءِ اي انتظاميا نجڪاري جي معاملي تي غير معمولي ساليانو عام اجلاس 20 اپريل تي ڪراچي ۾ طلب ڪري ورتو آهي، قومي ايئرلائن جي نجڪاري جي روشني ۾ اجلاس کي اهم قرار ڏنو پيو وڃي، چوڻ ته پي آءِ اي انتظاميا ايئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

باني چيئرمين جا سمورا ڪيس

سياسي آهن، عدليه جي آزادي

لازمي آهي: بئريسٽر گوهر

پشاور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر باني چيئرمين جي سمورن ڪيسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ جو سنڌ مان سينيٽ چونڊ نه وڙهڻ جو اعلان

موجوده حڪومت هن وقت اجتماعي قبر ۾ دفن ٿي رهي آهي: حليم عادل شيخ

180 کان وڌيڪ سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي پر اسان جون سيٽون کسيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) تحريڪ انصاف سنڌ ۾ ٿيندڙ سينيٽ چونڊن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته موجوده حڪومت هن وقت اجتماعي قبر ۾ دفن ٿي رهي آهي، اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سزامليل قيدي جي صحيح سان لکت معاهدو قانون سان مذاق آهي: عرفان صديقي

ڇا ڀٽو، بينظير، زرداري، نواز شريف، شهباز شريف، گيلاني ۽ مريم سميت ڪنهن به قيدي کي اهو حق ڏنو ويو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي دٻاءَ تي اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ ۽ عمران خان جو معاهدو ٿيو، جيڪو جيل مينيوئل سان مذاق جي برابر آهي

جيل انتظاميا ۽ سزامليل قيدي جي اهڙي قسم جي لکت معاهدي جو مثال شايد ئي ملندو هجي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيٽر عرفان صديقي چيو آهي ته سزا مليل قيدي جي صحيحن سان لکت معاهدو قانون سان مذاق آهي، جاري ڪيل بيان ۾ هن سوال اٿاريو آهي ته ڇا ڀٽو، بينظير، زرداري، نوازشريف، شهبازشريف، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پ پ آزاد اميدوار فيصل واوڊا جي حمايت جو فيصلو ڪري ورتو

قيادت طرفان 6 سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن کي فيصل واوڊا کي ووٽ ڏيڻ جي هدايت

ايم ڪيو ايم جي قيادت به ميمبرن کي آزاد اميدوار فيصل واوڊا کي ووٽ ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي به سنڌ مان جنرل سيٽ تي آزاد اميدوار فيصل واوڊا جي حمايت جو فيصلو ڪري ورتو آهي، پ پ جي ذريعن موجب پارٽي جي قيادت طرفان 6 سنڌ اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مختلف شهرن ۾ سنڌ پوليس مٿان 3 حملا، 2 اي ايس آءِ شهيد، 3 اهلڪار زخمي

گهوٽڪي ٻاءِ پاس تي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ اي ايس آءِ غلام نبي سهتو شهيد

پريا روڊ ويجهو به هٿياربندن جي حملي ۾ ڪوٽ لالو ٿاڻي جو اي ايس آءِ نور احمد لاشاري شهيد ٿي ويو

شڪارپور ويجهو به ڌاڙيلن جو پوليس موبائل تي راڪيٽن سان حملو، 3 اهلڪار زخمي ٿي پيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پوليس ڌاڙيلن جي نشاني تي، پوليس تي حملن جي ٽن ڌار ڌار واقعن ۾ 2 اي ايس آءِ شهيد ۽ 3 اهلڪار زخمي ٿي پيا. گهوٽڪي ٻاءِ پاس تي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ اي ايس آءِ غلام نبي سهتو شهيد. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

هن صورتحال ۾ عوام کي فوري رليف نٿو ڏئي سگهجي: خواجا آصف

ملڪ جو هڪ وڏو طبقو ٽيڪس نٿو ڏئي، رڳو پگهاردار ٽيڪس ادا ڪن ٿا

انڪم ٽيڪس جا اربين روپين جا ڪيس عدالتن ۾ هلي رهيا آهن

اسلام آباد (م ڊ) بچاءَ واري وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته ملڪ جو وڏو حصو ٽيڪس نٿو ڏئي، رڳو پگهاردار ئي ٽيڪس ڏين ٿا. ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته 2600 ارب رپين جا ٽيڪس ڪيس عدالتن ۾ آهن. هن چيو ته ماڻهو ٽيڪس ڏيڻ بدران عدالتن ۾ ويندا آهن. وڏو طبقو ٽيڪس نٿو ڏئي، رڳو پگهاردار طبقو ئي ٽيڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ايم ڪيو ايم پاران علي خورشيدي سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف اڳواڻ نامزد

ڊاڪٽر فاروق ستار جي صدارت ۾ سنڌ اسيمبلي ميمبرن جو اجلاس

سنڌ حڪومت شهر کي ڌاڙيلن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي: فاروق ستار

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان علي خورشيدي کي سنڌ اسيمبلي جي مخالف ليڊر نامزد ڪري ڇڏيو. جڏهن ته ڪراچي ۾ امن امان جي معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11



رضا رباني کي سينيٽ جي ٽڪيٽ نه ڏيڻ پارٽي جو فيصلو آهي: خورشيد شاهه

يوسف رضا گيلاني سينيٽ جو چيئرمين ٿيندو، ڊپٽي چيئرمين نوازليگ جو هوندو

ججز جي خط تي ڪميشن جي سربراهه جو فيصلو صلاح مشوري سان ٿيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ جي سينيئر اڳواڻ خورشيد شاهه چيو آهي ته يوسف رضا گيلاني سينيٽ جو چيئرمين ٿيندو، ڊپٽي چيئرمين مسلم ليگ ن جو هوندو. رضا رباني کي سينيٽ جي ٽڪيٽ نه ڏيڻ پارٽي جو فيصلو آهي. خاص ڳالهه ٻولهه ڪندي خورشيد شاهه چيو ته ججز جي خط تي ڪميشن جي سربراهه جو فيصلو صلاح مشوري سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

چيني ڪمپنين طرفان ڪم بند ڪرڻ سان هزارين مزدور بيروزگار ٿي ويا

منصوبا بند ٿيڻ سان صرف داسو هائيڊرو پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ تقريبن ڇهه سئو مزدور بيروزگار ٿي ويا

داسو هائيڊرو اور پراجيڪٽ تي تقريبن پنج سئو پنجاهه چيني شهري مختلف خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن: اهلڪار

اسلام آباد (م ڊ) چيني انجنيئرن تي حملي کان پوءِ داسو ڊيم سميت ٻين منصوبن تي ڪم بند ٿيڻ سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز مسيحي عورت کان مسئلا ٻڌي رهي آهي

دوڪاندارن، ننڍ تاجرن کان ٽيڪس اوڳاڙي لاءِ تاجر دوست اسپيشل پروسيجر متعارف

تاجرن ۽ دوڪاندارن جي رجسٽريشن پهرين اپريل کان ٿيندي، جيڪا 30 اپريل تائين جاري رهندي

مهيني وار ايڊوانس انڪم ٽيڪس جي پهرين اوڳاڙي 15 جولاءِ کان ٿيندي: ميڊيا رپورٽ

اسلام آباد (م ڊ) فيڊرل بورڊ آف روينيو تاجر دوست اسپيشل پروسيجر 2024ع جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

آءِ جي سنڌ يوم علي جي موقعي تي سيڪيورٽي انتظام سخت ڪرڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو

مرڪزي جلوس جي گذرگاهن مجلس جي هنڌن تي سيڪيورٽي جي گڏيل معاملن کي مشروط ۽ موثر بڻايو وڃي: آءِ جي

جلوس جا روٽ، مرڪزي اجتماع جي سيڪيورٽي کي واچ ٽاورز ۽ بلند عمارتن تي اسنائپرز جي ڊپلائمنٽ کي يقيني بڻايو ويندو

مرڪزي جلوس سان ملندڙ سمورن رستن، انٽري پوائنٽس تي سيڪيورٽي کي هر لحاظ سان غير معمولي بڻايو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) حضرت علي رضه جي يوم شهادت جي موقعي تي آءِ جي سنڌ صوبي ۾ فول پروف سيڪيورٽي قدم کڻڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو آهي. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته يوم علي رضه جي موقعي تي مرڪزي جلوس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نرسنگ مقدس پيشو آهي، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ضروري آهي: مرتضيٰ وهاب

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت مڙني طبي ۽ ٻين ادارن کي ايڪٽو ڪري سگهجي ٿو

جنهن عمارت ۾ موجود آهيون، هي ڪي ايم سي ڪراچي جي پراپرٽي جي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته نرسنگ هڪ مقدس پيشو آهي، روزگار سان گڏوگڏ هڪ دکي انسانيت جي خدمت به شامل آهي، نرسنگ پيشي کي سڄي دنيا ۾ مقبوليت حاصل آهي، نرسنگ انسٽيٽيوٽ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عالمي امن لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جا خواهشمند آهيون: وزيراعظم جو بائيڊن کي جوابي خط

وزيراعظم شهباز شريف آمريڪي صدر جو بائيڊن جي خط جو جواب ڏئي ڇڏيو، سهڪار کي سٺو سنئون قرار ڏنو

ٻئي ملڪ توانائي، موسمياتي تبديلي ۽ زراعت سميت ٻين شعبن ۾ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن: شهباز شريف

آمريڪا سان عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جا خواهشمند آهيون. گڏيل هدف حاصل ڪرڻ لاءِ به گڏجي ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف آمريڪي صدر جو بائيڊن جي خط جو جواب ڏئي ڇڏيو ۽ خط لکي ٻنهي ملڪن وچ ۾ توانائي ۽ گرين الائنس قدمن ۾ سهڪار کي سٺو سنئون قرار ڏنو وزيراعظم شهباز شريف خط ۾ چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

شڪارپور پوليس کي ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن، مغوي بازياب

آپريشن دوران وڏي ڪاميابي حاصل، هڪ مغوي باحفاظت بازياب ڪرايو ويو

حساب ولد غلام ياسين ميرائي جو پٽ غلام ياسين ميرائي کي باحفاظت بازياب ڪرايو آهي: ايس ايس پي

مغوين جي بازيابي لاءِ آپريشن ڪمانڊر ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون جي اڳواڻي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري آهي

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس کي ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 45

شڪارپور: ڪچي مان بازياب ڪرايل مغوي حساب ميرائي بيٺل آهي

کهڙائي برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي وارو

مامرو، مخالف ڌر مونکي ڪنهن طريقي سان

ڪوڙن ڪيسن وغيره ۾ ڦاسائڻ چاهي پئي: متاثر

سجاول (رپورٽر: ممتازعلي نهڙيو) کهڙائي برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي وارو مامرو رٽائرڊ استاد ٽئڪسي ڊرائيور عبدالرزاق کهڙائي سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان داهيندي چيو آهي ته برادري جا ترجوان ٻنهي ۾ جهيڙو ڪيو جنهن ۾ منهنجو ڀائيٽو محبوب علي ٻڻ زخمي ٿي پيو آهي سامهون واري ڌر ورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 46

سنڌ ڄائي پريا ڪماري کي آزاد ڪريو، اسلام ڪوٽ ۾ احتجاج

معصوم ٻارن ۽ نوجوانن جو احتجاجي مظاهرو، پريا جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

نندلال ميگهواڙ، مڪيش راجا، آزاد اسد الله هنگورجو، ڊاڪٽر اشوڪ مڪي، ڊاڪٽر وڃئي رتناڻي، ٿهل اڳواڻي ڪئي

سنڌ حڪومت ۾ شامل ماڻهن جي ويجهن ٻاٿرن اغوا ڪيو آهي ظالمن هڪ معصوم نياڻي کي اغوا ڪيو آهي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽر صادق ٻجير) سنڌ ڄائي پريا ڪماري کي آزاد ڪريو، اسلام ڪوٽ ۾ معصوم ٻارن ۽ نوجوانن جو احتجاجي مظاهرو، پريا جي آزادي لاءِ سخت نعريبازي. تفصيل موجب؛ سنگرار مان اغوا ٿيل سنڌ ڄائي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جتي سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي اتي اسلام ڪوٽ ۾ پڻ سنڌ ادبي شاخ اسلام ڪوٽ، پ ٽ الف ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن نندلال ميگهواڙ، مڪيش راجا، آزاد اسد الله هنگورجو، ڊاڪٽر اشوڪ مڪي، / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 53

پورهيت جو معصوم ٻارڙو موذي مرض ۾ ورتل

گل حسن سولنگي جو گلن جهڙو معصوم 8 سالن جي عمر ۾ پراسرار بيماري ۾ مبتلا

ٻارڙو ٻنهي ڄنگهن کان معذور بڻجي هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي ويو آهي ڊاڪٽرن پاران پوليو جو شڪ ظاهر

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ماتلي شهر قلندري امام بارگاهه لڳ ماڇي محلي جي رهواسي پورهيت گل حسن سولنگي جي گهر ۾ سنڌس معصوم گلن جهڙو معصوم 8 سالن جي عمر ۾ پراسرار بيماري ۾ ورتل آهي ٻنهي ڄنگهن کان معذور بڻج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 54

سنگرار واسڻ معصوم نياڻي پريا ڪماري بازياب نه ٿي سگهي

وارثن سميت سڄاڻ ڌرين ۾ بيچيني پکڙيل، مختلف سماجي تنظيمن پاران مظاهرا

سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو معصوم پريا جي فوري بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سنگرار واسڻ معصوم نياڻي پرياڪماري بازياب نه ٿي سگهي وارثن سميت سڄاڻ ڌرين ۾ بيچيني پکڙيل مختلف سماجي تنظيمن پاران سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو معصوم پريا جي فوري بازيابي جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 44

سکر: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادڪوٽ ويجهو پيٽ ڪرڻ سبب ٻارڙي ڏبجي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ شاهنواز بروهي ۾ ٻارڙا راند ڪيڏڻ دوران واٽر سپلاءِ کي ڊنل پٽ اوچتو ڪري پئي

پٽ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 13 ورهين جي نينگري درخاتون ڌي عبدالرسول بروهي ڏبجي فوت ٿي وئي

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ ويجهو پيٽ ڪرڻ سبب ٻارڙي ڏبجي فوت، گهر ۾ ڪهرام. شهدادڪوٽ پرسان ڳوٺ شاهنواز بروهي ۾ ٻارڙا راند ڪيڏڻ دوران واٽر سپلاءِ کي ڊنل پٽ اوچتو ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ 13 ورهين جي نينگري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 49

فريدآباد پريس ڪلب جي چونڊ، صدر اقرار انش چانڊيو ٿي ويو

نئين بادي 2024 جي هڪ سال لاءِ بادي چونڊجي وئي . صحافين کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون

صدر اقرار انش چانڊيو، سينئر نائب صدر ايڊووڪيٽ عاشق سولنگي ۽ مريد چانڊيو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) فريدآباد پريس ڪلب جي نئين بادي 2024 جي هڪ سال لاءِ بادي چونڊجي وئي . صحافين کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون .. صدر اقرار انش چانڊيو . سينئر نائب صدر ايڊووڪيٽ عاشق سولنگي ۽ مريد چانڊيو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا . فريدآباد جا صحافي ڪاڇي جي مظلوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 52

پورٽ قاسم لڳ 2 نوجوان گٽر ۾ صفائي دوران ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت، تعداد 4 ٿي ويو

هڪ ڄڻو ڳنڀير جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل، هڪ هفتو اڳ ساڳئي گٽر ۾ 2 ڄڻا ٻڏي فوت ٿي ويا هئا

هفتو اڳ واقعي بعد جيڪڏهن انتظاميا حفاظتي اپاءَ وٺي ها ته وڌيڪ جاني نقصان نه ٿي ها: پورهيت

آئل گٽر ۾ 2 نوجوان 35 ورهين جو نقيب ۽ ٻيو 25 ورهين جو نامعلوم ساهه ٻوساٽجڻ سبب رڙيون ڪيو

ملير (رپورٽ فاروق پنهور) پورٽ قاسم لڳ 2 نوجوان گٽر ۾ صفائي دوران ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 47

ملير: گٽر جي صفائي دوران ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت ٿي ويل پورهيتن جا مڙهه پيل آهن

ڪنڊڻ شهر ۾ بدامني تي ڪنٽرول نه ٿيو شهري

پريشان، ڏينهن ڏٺي جو شهر جي مشهور واپاري کان

هٿيارن جي زور تي ڦري ويا

ڪنڊڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) ڪنڊڻ شهر ۾ بدامني تي ڪنٽرول ن ٿيو ڏينهن ڏٺي جو شهر جي مشهور واپاري کان هٿيارن جي زور تي دوڪان مان 10 لک روپين جي ڦرڪري کي نامعلوم ڦورو فرار ٿي ويا پوليس ڦورن جي پويان ڪاهي پئي ڦر ٿيڻ خلاف واپارين روڊ بند ڪري ڇڏيو جيستائين پئسا واپس ن ملندا ۽ ڦورو گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 48

پريارود پڪاچانگ لنڪ روڊ تي ڦر دوران مزاحمت، اهلڪار گولين جو ڪاڄ

شان ڪاٽن مل لڳ هٿياربندن هٿان ڦر جي مزاحمت تي اي ايس آءِ نور احمد لاشاري گولين جو بک بڻجي ويو

منهنجو چاچو ڪوٽ لالو ٿاڻي تي ڊيوٽي لاءِ وڃي رهيو هو ته ڪيس گولين جو ڪاڄ بڻايو ويو آهي: اقبال لاشاري

اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي (وارث) پوليس اتالا واقعي واري هنڌ شهيد جو لاش ڪڻائي اسپتال منتقل ڪرايو

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پريارود تو پڪاچانگ لنڪ روڊ تي نامعلوم هٿياربندن ڦورن پاران سانجاهو جي رهواسي اي ايس آءِ نور احمد لاشاري ڊيوٽي تي ويندي اٽڪاتل هٿياربندن پاران ڏينهن ڏٺي جو سڌيون گوليون هڻي بي دردي سان قتل ڪري فرار ٿي ويا ان سلسلي ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جي ڀائيٽي اقبال لاشاري ٻڌايو ته منهنجو چاچو ڪوٽ لالو ٿاڻي تي ڊيوٽي ڪندو هو جيڪو ڪوٽ لالو ڊيوٽي لاءِ وڃي رهيو هو ته پريارود تو پڪاچانگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 50

شهدادڪوٽ ۾ الخدمت فائونڊيشن پاران افطار ڊنر منعقد

هڪ شام ڏکي انسانيت جي نانءُ جي عنوان سان افطار پارٽي منعقد ڪئي وئي

شهر جي مختلف سياسي، سماجي مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ صحافين شرڪت ڪئي

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ الخدمت فائونڊيشن پاران هڪ شام ڏکي انسانيت جي نانءُ جي عنوان سان افطار پارٽي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شهر جي مختلف سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ صحافي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 51

صوبائي وزير پاران آرڪيالاجي وفد سميت دورو

سيد ذوالفقار شاهه اسپين سان تعلق رکندڙ 40 کان مٿي آرڪيالاجي ماهرن تي ٻڌل وفد سان گڏ مڪلي جو دورو ڪيو

سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت هزارين سال قديمي آهي، سنڌ ۾ امن، محبت، ڀائيچارو ۽ رواداري جي امين آهي :صوبائي وزير

اهڙا ماڻهو ٻاهران ايندا آهي هتان امن جو پيغام کڻي ويندا ته سنڌ ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچارو آهي، ٽوئرزسٽ کي به دعوت ڏيون ٿا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي سياحت ۽ ثقافت جي صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه اسپين سان تعلق رکندڙ 40 کان مٿي آرڪيالاجي ماهرن تي ٻڌل هڪ وفد سان گڏ مڪلي جو دورو ڪيو انهي موقعي تي صحافين سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

رمضان شريف جا 20 ڏينهن گذرڻ باوجود مهانگائي ۾ گهٽتائي نه اچي سگهي

ڪي اين شاهه ۾ مهانگائي چوٽ چڙهيل، پورهيت عوام پريشان، اختياريون اکيون ٻند ستل

گوشت 1000، مڇي 700، مرغي 850، پيڊيون 350، گوبي 170، پٽاٽا وڪرو ٿيڻ لڳا

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) رمضان شريف جا 20 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪي اين شاهه ۾ مهانگائي گهٽ نه ٿي، پورهيت عوام پريشان. گوشت 1000، مڇي 700، مرغي 850، پيڊيون 350، گوبي 170، پٽاٽا، واڱڻ، بصر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

پير حسام الدين راشدي، سنڌ جو مثالي محقق، تاريخدان، مورخ ۽ صحافي هيو: مقرر

پير مڪمل ذميداريءَ سان پاڻ تي عائد قومي فرض نڀائيندي سنڌ جي تاريخ تي ڌارين حڪمرانن جي چاڙهيل ڌوڙ هٽائي

پير حسام الدين راشدي سنڌ جو تمام وڏو ڏاهو انسان هيو ترقي پسند فڪر، سوچ ۽ خيالن کي سگهاري انداز ۾ دنيا آڏو پيش ڪيو

راشدي محقق مورخ ۽ تاريخدان هوندي به سنڌ جي بهتر ۽ شاندار مستقبل لاءِ پريشان رهندو هيو: منعقد تقريب ڪي مقررين جو خطاب

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي ڪيل تحقيقي پورهئي توڙي مڪليءَ جي تاريخي قبرستان تي وڏيڪ تحقيق واسطي اينڊ سياحن، محققن توڙي اديبن جي سهوليت لاءِ هتي بين الاقوامي سطح جي هاسٽل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شبير ميمڻ ۽ جنيد
شيخ عهدن تان
استعيفي ڏئي ڇڏي

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان آرگنائيزيشن آف سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي سينيئر نائب صدر شبير ميمڻ ۽ آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ جي نائب صدر جنيد شيخ عهدن تان استعيفي ڏئي ڇڏي آهي. تفصيل موجب آل پاڪستان آرگنائيزيشن آف سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي سينيئر نائب صدر شبير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: پير حسام الدين شاهه راشدي جي مزار تي اديب حاضري ڀري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ پريا ڪماري جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

عوامي ورڪرز پارٽي، ناري جمهوري محاذ ۽ پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان احتجاج ڪيو ويو

معصوم نياڻي پريا ڪماري جي آزاديءَ ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ خلاف شهر جي پاڪستاني چوڪ کان ريلي ڪڍي وئي

ڪٺن واقعن کي روڪڻ لاءِ سخت قانون سازي ڪئي وڃي ۽ سنڌ اندر هنڌا ٿو طور ڪيل بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ ختم ڪيو وڃي: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي، ناري جمهوري محاذ ۽ پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان معصوم نياڻي پريا ڪماري جي آزاديءَ ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ خلاف شهر جي پاڪستاني چوڪ کان ريلي ڪڍي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پريارو ۾ پڪاچانگ لنڪ روڊ تي ڦر دوران مزاحمت، اهلڪار گولين جو ڪاج

شان ڪاٽن مل لڳ هٿيارٻندن هٿان ڦر جي مزاحمت تي اي ايس آءِ نور احمد لاشاري گولين جو بک بڻجي ويو

منهنجو چاچو ڪوٽ لالو ٿاڻي تي ڊيوٽي لاءِ وڃي رهيو هو ته ڪيس گولين جو ڪاج بڻايو ويو آهي: اقبال لاشاري

اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي (وارث) پوليس اتالا واقعي واري هنڌ شهيد جو لاش کڻائي اسپتال منتقل ڪرايو

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پريارو پڪاچانگ لنڪ روڊ تي شان ڪاٽن مل لڳ هٿيارٻندن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

پريا ڪماري کي آزاد
ڪيو: مٺاري ۾ احتجاجي
مظاهرو، نعريبازي

مٺياري (رپورٽر) مٺياري ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ ورڪرز يونٽ مٺياري، ۽ مٺياري ميڊيا فورم، پاران سنڌ جائي معصوم نياڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز: هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويل اي ايس آءِ نور احمد لاشاري جو مڙهه

گيهه ڪمپني ٻاهريان گٽر جي مين هول ۾ 3 ڄڻا ٻڏي ويا، ساهه ٻوساٽجڻ سبب 2 ڄڻا فوت

هڪ کي بيهوشي واري حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو، فوتي ۽ بيهوش ٿي ويلن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

فوتي ۽ بيهوش ٿيل شاهه لطيف ٽائون ۽ پينس ڪالوني جا رهواسي آهن، جاچ ڪريون پيا: پوليس

واقعو گيهه جي نجي ڪمپني جي ٻاهريان گٽر ۾ پيش آيو آهي: بن قاسم پوليس عملدارن جو موقف

ملير (رپورٽر) گهگهر لڳ نجي گيهه ڪمپني ٻاهريان گٽر جي مين هول ۾ 3 ڄڻا ٻڏي ويا، ساهه ٻوساٽجڻ سبب 2 ڄڻا فوت. هڪ کي بيهوشي واري حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو. فوتي ۽ بيهوش ٿي ويل شاهه لطيف ٽائون ۽ پينس ڪالوني جا رهواسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڳوٺ ماڙي صابقي ۾ 22 ڏينهن اڳ پلاٽ جي تڪرار تان قتل وارو مامرو

قتل ٿيل ٻن سڳن ڀائرن وسيم صابقي، صدورو صابقي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کي اپيل

سڪرنڊ (رپورٽر راڄ ڪمراوڙ) سڪرنڊ ۾ پرسان ڳوٺ ماڙي صابقي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ پلاٽ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ويگن ۽ ٽرالر جي وچ ۾
زوردار ٽڪر 11
اسڪولي ٻار زخمي

هنگورجا (رپورٽر) هنگورجا پرسان قومي شاهراهه تي ويگن ۽ ٽرالر جي وچ ۾ زوردار ٽڪر 11 اسڪولي ٻار زخمي، ڊرائيور ڪلينر به زخمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سڪرنڊ: ڳوٺ ماڙي واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

قومي عوامي تحريڪ مرڪز پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي نعريبازي ڪئي وئي

عوامي تحريڪ جي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پريا ڪماري کي جلد بازياب ڪرائي پريا جي وارثن ۽ سنڌواسين کي تحفظ ڏنو وڃي: اڳواڻ

ملير (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ مرڪز پاران اغوا ٿيل پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مظاهري ۾ شريڪ قومي عوامي تحريڪ جي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

2021 ۾ آءِ بي اي ذريعي ماستري جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن جو احتجاج

پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ۾ 33 کان 39 سيڪٽر مارڪون کڻندڙ اميدوارن مظاهرو ڪيو

نور حسين ڪوسو، شعيب پيرزادي ۽ نياز محمد لنڊ جي اڳواڻي ۾ ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

ٻٽي پاليسي ختم ڪري سڄي سنڌ جي نوجوانن کي 33 سيڪٽر تي پاس ڪيو وڃي: اڳواڻ

ٽنڊوباگو (رپورٽر رفاقت جروار) 2021 ۾ آءِ بي اي ذريعي ماستري جي ٽيسٽ ڏيندڙ PST ۽ JEST ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

لاڙڪاڻي شهر جي
فيصل ڪالوني جي
رهواسين طرفان احتجاج

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي فيصل ڪالوني جي رهواسين طرفان وليد پوليس جي ميينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊوباگو: آءِ بي اي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڳوٺ ٻاهرا ٿٽون ديرو جي
قاسم آباد پاڙي جو
رهواسي حادثي جو شڪار

ٿٽون ديرو (رپورٽ شاهه محمود پيٽو) ٿٽون ديرو پرسان ميٽلا ڳوٺ ٻاهرا ٿٽون ديرو جي قاسم آباد پاڙي جو رهواسي نوجوان آفتاب پٽ منشور خاصخيلي ٽريڪٽر تان هيٺ ڪري ٽائر هيٺان اچي زخمي ٿيل نوجوان لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي. آفتاب خاصخيلي 3 ڏينهن اڳ ميٽلا ڳوٺ ٻاهران شام جو لاڙڪاڻي کان ٽريڪٽر تي واپس ٿٽون ديرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو محمد خان: رهواسين جي 7 گهرن کي باهه، سڀ ڪجهه سڙي ويو

ملاڪاتيار جي غريب آباد پاڙي ۾ گهرن کي پراسرار نموني باهه لڳي وئي

باهه تيز هئڻ ڪري پورهيت ناٿو ڪامڙيو، ربو ڪامڙيو، علي ڪامڙيو ۽ ٻين جا گهر سڙي ويا

ٽنڊو محمد خان (ر مظفر علي بروهي) بلوڙي شاهه ڪريم جي يونين ڪائونسل ملاڪاتيار جي غريب آباد پاڙي ۾ گهرن کي پراسرار نموني باهه لڳي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

عوامي ورڪرس پارٽي ۽ پي ايس آر ايف پاران احتجاج

معصوم نياڻي پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ لاءِ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي مظاهرو

مظاهري ۾ پريا ڪماريءَ کي بازياب نه ڪرڻ ۽ وڌندڙ بدامنيءَ خلاف نعريبازي ڪئي وئي

سڪرنڊ (رپورٽر: راڄ ڪمراوڙ) عوامي ورڪرس پارٽي ۽ پي ايس آر ايف پاران معصوم نياڻي پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ لاءِ قاضي سرفراز ميمڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪارروايون تيز

وارداتن ۾ ملوث جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

جوابدار وٽان ڌوهن ۾ استعمال ٿيل پستول هٿ، مٿس ڪيس داخل

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪارروايون تيز، ٺٽو پوليس جي اهم ڪاميابي، چوري ۽ ڦرلٽ جي ڪيترن ئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو: پوليس جي مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

عبداللطيف چانگ جي گرفتاري خلاف وارثن جو احتجاجي مظاهرو

پوليس ناحق گهرن ۾ ڪاهي پئي 2 تولا سون روڪ رقم ۽ قيمتي سامان کڻي وئي آهي

پوليس اتالن چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو آهي، نوٽيس وٺي تحفظ ڏياريو وڃي: متاثر

محراب پور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) مرڪزي ميڊيا هائوس محراب پور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي غلام شبير چانگ چيو ته محراب پور پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وڏو وزير ڪنڊڪوٽ پهتو مير عابد سندراڻي سان تعزيت

مير عابد سندراڻي سان سندس گهرواري جي وفات مراد علي شاهه تعزيت ڪئي

ايم پي مير عابد خان سندراڻي جي گهرواري جي فاتح لاءِ وڏي پهتا آهيون: وڏو وزير

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پيپلزپارٽي ايم پي اي مير غلام عابد خان سندراڻي سان سندس جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڳوٺ خير محمد جمالي جو رهواسي سراپا احتجاج

غريب پورهيت برڪت علي جمالي مرڪزي ميڊيا هائوس پهچي دانهيو

مون سان انصاف ڪيو وڃي نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: متاثر

محراب پور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محراب پور پرسان ڳوٺ خير محمد جمالي جو رهواسي غريب پورهيت برڪت علي جمالي مرڪزي ميڊيا هائوس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايس ايڇ او اسد نبي ڪچي جي هڪ ٻي وڏي ڪاروائي

گذريل سال 3 آڪٽوبر تي استاد محرم علي سولنگي کان ڦريل موٽر سائيڪل برآمد ڪئي وئي

جوابدار عطاالله وسطڙو کي گرفتار ڪري سندس وٽان سمورو سامان برآمد ڪيو ويو آهي: پوليس

نوشهروفيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي) ايس ايڇ او اسد نبي ڪچي صاحب جي هڪ ٻي وڏي ڪاروائي، گذريل سال 3 آڪٽوبر تي نوشهروفيروز ٽيڪنيڪل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

جهڏو ۾ زمين تي قبضي خلاف ماءُ جو پيءُ خلاف احتجاج

ڳوٺ عبدالجبار لغاري جي رهواسي حاڪم علي لغاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

منهنجي پيءُ ۽ سندس مڙس ڪوڙا ڊراما ناهي بليڪ ميل ۽ پريشان ڪن پيا: متاثر

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ زمين تي قبضي خلاف ماءُ جو پيءُ خلاف احتجاج. جهڏو لڳ ڳوٺ عبدالجبار لغاري جي رهواسي حاڪم علي لغاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جهڏو: ڳوٺ عبدالجبار لغاري واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي هدايتن تحت ڪارروايون

ڏابيجي، ساڪرو ۽ جهرڪ پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

ڌوهارين ٻاچا زمان پٺاڻ، محمد خالد لغاري، عبدالعزيز قمبراڻي ۽ ٻين ڌوهارين کي پڪڙيو ويو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي هدايتن تي ڏابيجي، ساڪرو ۽ جهرڪ پوليس مختلف هنڌن تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين جسقم طرفان اسماعيل ناز نوتڪاڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاج

22 مهينا اڳ سنگرار شهر مان اغوا ٿي ويل معصوم نياڻي پريا ڪماري جي آزادي لاءِ مظاهرو

سنڌ حڪومت معصوم نياڻي پريا ڪماري کي بازياب ڪرائڻ لاءِ سنجيده ناهي: مظاهرين

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين جسقم طرفان اسماعيل ناز نوتڪاڻي جي اڳواڻي ۾ 22 مهينا اڳ سنگرار شهر مان اغوا ٿي ويل معصوم نياڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين ضلع ۾ منشيات هزارين گهراڻا اجاڙي ڇڏيا، نوجوان فوت

سبيرا ڳوٺ واسي 20 سالن جو پورهيت عبدالخالق سبيرو فوت، هڪ وڌيڪ گهر اجڙي ويو

نوجوان ڪيترو عرصي کان آئيس ۽ هيروئن جي نشي جو عادي ٿي زندگي جي جنگ هارائي ويو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ضلع ۾ منشيات هزارين گهراڻا اجاڙي ڇڏيا آهن گذري ڏينهن هڪ وڌيڪ گهر اجڙي ويو خبر موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سنڌ جي نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

هندو پنچائت، سول سوسائٽي، سنڌي ادبي سنگت ۽ قومپرست ڪارڪنن جو مظاهرو، ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

ڊاڪٽر جي ايم گل، فاروق ميمڻ، هندو پنچائت جي مکي دولانو مل، منور لال، وجي ڪمار، روي ڪمار اڳواڻي ڪئي

دردناڪ واقعي کي اڍائي سال کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود سندس بازيابي معمو بڻيل آهي: شاهنواز مهر جو خطاب

ٽنڊو محمد خان (ر مظفر علي بروهي) سنڌ جي نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ هندو پنچائت، سول سوسائٽي، سنڌي ادبي سنگت ۽ قومپرست ڪارڪنن جو احتجاجي جلوس، پيادل مارچ، ڌرڻو. خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانپور هڪ هفتو سکر
ضلعي مان اغوا ڪيل
مغوي بازياب

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) خانپور هڪ هفتو سکر ضلعي مان اغوا ڪيل مغوي حساب ميراڻي کي پوليس ڌوهارين سان ميينا مقابلي بعد خانپور جي ڪچي مان بازياب ڪرائڻ جي دعوي تفصيل موجب خانپور تعلقي جي ناپر ڪوٽ ٿاڻي جي حد ڳڙهي تيغو جي ڪچي واري علائقي ۾ ٽارگيٽڊ آپريشن جي نتيجي ۾ گجهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سول سرجن پاران موڪل ڏهاڙي اسپتال جو اوچتو دورو

ڊاڪٽر خادم علي مگريو جو موڪل واري ڏينهن به سول اسپتال جي مختلف وارڊن جو اوچتو دورو ڪيو

ڪري ملازمن جي حاضري چيڪ ڪرڻ سان گڏ صفائي سترائي ۽ مريضن کي ملندڙ سهولتن جو جائزو ورتو ويو

هن وقت اسپتال اندر مريضن کي علاج معالجو جون سهولتون ملي رهيون آهن: ڊاڪٽر خادم علي مگريو جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جو موڪل واري ڏينهن به سول اسپتال جي مختلف وارڊن جو اوچتو دورو ڪري ملازمن جي حاضري چيڪ ڪرڻ سان گڏ صفائي سترائي ۽ مريضن کي ملندڙ سهولتن جو جائزو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شهدادڪوٽ ۾ سنگرار ۾ 2 سال اڳ اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

سنڌ ۾ جاري ڌاڙيل ڪلچر خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻي شهرين پاران ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

عوامي ورڪرز پارٽي، ناري جمهوري محاذ ۽ شهر جي مختلف سياسي، سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن شرڪت ڪئي

ڪامريڊ سنگهار نوناري، ڪامريڊ فوزيه نوناري، وهاب پنڊراڻي، شائل ڪوسو، سائره پنڊراڻي، انيل ڪمار ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

شهدادڪوٽ (رپورٽر: شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ سنگرار ۾ 2 سال اڳ اغوا ٿيل معصوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شهدادڪوٽ: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ناريون احتجاج ڪري رهيون آهن

شڪارپور ۾ جاڪوڙي ڪردارن سان رهاڻ
عورتن ۽ مردن جي وڏي انگ ۾ شرڪت
مستقبل لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ويو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ جاڪوڙي ڪردارن سان رهاڻ، عورتن ۽ مردن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، مستقبل لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر ۾ باٿر پلاٽ وٺي ڏيڻ بهاني شهري جا 90 لک روپيا کٽي گم ٿي ويو

متاثر شهري پريشاني سبب گردن جي بيماري مبتلا ٿي ويو، احتجاجي مظاهرو

علاج جا پئسا نه هجڻ ڪري زندگي موت جي ڪشمڪش ۾ ڦاسي پيو آهيان: متاثر

متاثر گهر ڌڻين احتجاج ڪري 90 لک روپيا واپس ڪرائي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ باٿر پلاٽ وٺي ڏيڻ بهاني شهري جا 90 لک روپيا کٽي گم ٿي ويو متاثر شهري پريشاني سبب گردن جي بيماري مبتلا ٿي ويو علاج جا پئسا نه هجڻ ڪري زندگي موت جي ڪشمڪش ۾ ڦاسي پيو متاثر گهر ڌڻين احتجاج ڪري 90 لک روپيا واپس ڪرائي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو. سکر جي سبزي منڊي واري علائقي ۾ رهندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

مورو ۾ جي ڊبليو سي مختلف سول سوسائٽي، سياسي سماجي اڳواڻن پاران مظاهرو

ذوالفقار خاصخيلي، ولي محمد جوکيو، ظفر علي چانڊيو، راڻا شير محمد، اعجاز سنگراهه اڳواڻي ڪئي

مغوي پريا ڪماري کي بازياب ڪرائي سنڌ واسين سميت سندس امڙ سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مورو ۾ جي ڊبليو سي مختلف سول سوسائٽي، سياسي سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي مين روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو. جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميرپور ماٿيلو: آءِ بي اي ٽيس ڏيندڙ اميدوارن جو احتجاج

2021 ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ اميدوارن پاران پريس ڪلب اڳيان مظاهرو

هڪ سنڌ هڪ پاليسي ٻٽي پاليسي نامنظور، پوري سنڌ هارڊ ايريا جي ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ حڪومت اسان سان انصاف ناهي ڪيو ڳوٺ پنهنجن من پسند علائقن جي ماڻهن کي آرڊر ڏنا ويا آهن: اميدوار

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: آءِ بي اي 2021 ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ اميدوارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ميرپور ماٿيلو: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

حُسن جو مُعجزو اهو ڏِنم
مُحسن جي خالق شاعر کي
ثقافت کاتي وساري ڇڏيو

ڪڪڙ (رپورٽر) حسن جو معجزو اهو ڏنم محسن، پنهنجي دل ۾ خدا ڏٺم پل ۾ سنڌ جي ناميارو شاعر استاد محسن ڪڪڙائي جي وڇوڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

راڻيپور مان سول ڪپڙا پهريل اهلڪارن پاران ناري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، شهرين بچائي ورتو

شهرين جي پهچڻ تي سادا ڪپڙا پهريل هٿيارٻندن مان هڪ پنهنجو نالو پوليس اهلڪار جبار پٽي طور ٻڌايو

اهلڪار سان گڏ ٻيا به نامعلوم ماڻهو هيا جيڪي شهرين جي پهچڻ بعد فرار ٿي ويا، ناري جي وارثن جو احتجاج

ٽري ميرواهه جا شر آهيو سکر مان دوا وٺي واپس ٿيا سين سول ڪپڙن ۾ هٿيارٻندن روڪڻ جي ڪوشش ڪئي نه بيناسين

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور مان سول ڪپڙا پهريل اهلڪارن پاران ناري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش شهرين جي پهچڻ تي سادا ڪپڙا پهريل هٿيارٻندن مان هڪ پنهنجو نالو پوليس اهلڪار جبار پٽي طور ٻڌايو سندس سان گڏ ٻيا به نامعلوم ماڻهو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

هڪ مهينو اڳ خانپور شهر ۾ پڪوڙا هلائيندڙ پورهيتن مٿان گرم تيل هاريندڙ گرفتار نه ٿيا

عارف راجپوت ۽ محمود راجپوت جي مٿان گرم تيل هاري ساڙيندڙ جوابدار پوليس گرفتار نه ڪري سگهي

ساڙيل پورهيتن جي وارثن، شهري اڳواڻن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جو پريس ڪلب آڏو مظاهرو

24 ڪلاڪن ۾ جوابدار گرفتار نه ڪرڻ جي صورت ۾ روڊ بلاڪ، شهر بند ڪري احتجاج جو چتاءُ ڏنو ويو

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) هڪ مهينو اڳ خانپور شهر ۾ پڪوڙا هلائيندڙ پورهيتن عارف راجپوت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

خانپور: پورهيتن تي گرم تيل هاريندڙن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻو: ڪرمان باغ
واري علائقي ۾ شهري
مٿان فائرنگ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي ڏڪڻ ٿاڻي جي حد ڪرمان باغ واري علائقي ۾ نامعلوم ڪار سوار هٿيارٻندن معزز شهري ذوالفقار شاهاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

گولاڙچي روڊ تي ويگو گاڏي جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر، هڪ فوت هڪ زخمي

مختيار حسين شاهه ولد ذڪي حسين شاهه سخت زخمي، اسپتال منتقل، اسپتال ۾ دم ڏنائين

موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻندڙ ويگو گاڏي ٽر ڪول پروجيڪٽ جي آهي: وارثن جون دانهون

بدين پوليس ٽر پروجيڪٽ جي ويگو گاڏي ۽ ڊرائيور کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين لڳ گولاڙچي روڊ تي ويگو گاڏي جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار بدين جو رهواسي مختيار حسين شاهه ولد ذڪي حسين شاهه سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي نازڪ حالت ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر پهرين اپريل 2024ع

سي سي آءِ جوڙجڪ: ناٽي وارو وزير آئوٽ!

اسان جي حڪمرانن ڪڏهن به تاريخ مان سکڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، اهوئي رويو المين ۽ سانحن جا در کوليندو رهيو آهي. هي اهوئي رويو آهي، جيڪو اوير پاڪستان سان روا رکيو ويو. صوبن کي مفتوح علائقا سمجهڻ وارو رويو. ننڍين صوبن کي هميشه فيصلي سازيءَ ۾ نظرانداز ڪرڻ وارو رويو. هن ڀيري به گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي جوڙجڪ ۾ ساڳي روش روا رکي وئي آهي. 8 ميمبرن واري هن اهم آئيني اداري ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ صرف هڪ ميمبر (وڏو وزير) آهي، جڏهن ته پنجاب ۽ نواز ليگ سان تعلق رکندڙ 5 ميمبر شامل ڪيا ويا آهن. وزيراعظم جي مشوري تي صدر پاڪستان گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي جوڙجڪ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ وزيراعظم ڪائونسل جو چيئرمين، چئني صوبن جا وڏا وزير ۽ 3 وفاقي وزيران جا ميمبر آهن. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ناٽي وارو وزير جيڪو گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو مستقل ميمبر هوندو آهي. هن ڀيري ان جي جاءِ تي پرڏيهي معاملن واري وزير اسحاق ڊار کي شامل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٻين ميمبرن ۾ دفاع جو وزير خواجه آصف ۽ سيفران جو وزير انجنيئر امير مقام شامل ڪيا ويا آهن. امير مقام توڙي جو خيبر پختونخوا سان تعلق رکي ٿو. پر ان جو واسطو نواز ليگ سان آهي.

آئيني طور تي هن ملڪ ۾ پارلياماني جمهوري نظام آهي پر ان کي صدارتي نظام تحت هلائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. ارڙهين ترميم کانپوءِ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو ادارو بين الصوبائي رابطه وزارت جي ماتحت آهي. ارڙهين ترميم ملڪ کي آپيشاهي انداز ۾ هلائڻ جي خواهش رکندڙن جي اک جو ڪنڊو بڻيل آهي. انتهائي ٽيڪنيڪل انداز سان ان آئيني ترميم کي بي اثر ڪرڻ جا سانباهه ٿي رهيا آهن. پهريون وار اهم آئيني اداري ارسا کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جي صورت ۾ سامهون آيو ۽ وزيراعظم طرفان ارسا چيئرمين جي مقرري جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو پر سنڌ جي شعور جي مزاحمت سبب وزيراعظم کي اهو نوٽيفڪيشن واپس وٺڻو پيو. البته اهو آرڊيننس اڃان به موجود آهي. ان کانپوءِ بي ڪوشش اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو گهٽائڻ واري ڪوشش هئي. آئين موجب اين ايف سي ۾ صوبن جو حصو وڌائي ته سگهجي ٿو پر ان کي گهٽائي نٿو سگهجي. صوبن جي حصي کي آئيني تحفظ حاصل آهي. ان جو طريقو اهو ڪڍيو ويو جو صوبن تي دٻاءُ وجهي انهن کي وفاقي خرچن ۾ حصو ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي. اين ايف سي ۾ حصو گهٽائجي يا وري صوبن کان خرچ وٺجي، ڳالهه ساڳي ئي آهي ۽ اين ايف سان مان حصو گهٽائڻ وارو سڌو طريقو اختيار ڪرڻ بدران صوبن کان خرچ ڀرائڻ وارو اڻ سڌو طريقو اختيار ڪيو پيو وڃي. مقصد انهن جو ارڙهين ترميم کي بي اثر ڪرڻ آهي، جڏهن اها ترميم بي اثر ٿيندي. وفاق پنهنجون فرمائشون مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو ته انهن وٽ ارڙهين ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ جو جواز پيدا ٿي ويندو. وفاق مختلف اٽڪلن سان صوبن جا اعصاب پيو آزمائي. هن ڀيري به گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي ميمبرن ۾ پنجاب ۽ نواز ليگ جي عددي اڪثريت برقرار رکڻ لاءِ جيڪا جوڙجڪ ڪئي وئي آهي، ان تي ننڍين صوبن، خاص طور تي سنڌ کي ڳڻتي نه هجڻ به وڏي ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي. گڏيل مفادن واري ڪائونسل اهم آئيني ادارو آهي، جتي اهم فيصلا ٿين ٿا. وفاق ۽ صوبن جا تڪرار نبيريا ويندا آهن. اين ايف سي ايوارڊ يا وسيلن جي ورڇ جا فيصلا ٿيندا آهن پر هن اهم پاليسي ساز فورم ۾ توازن نه رکيو ويو آهي. ارسا واري معاملي تي سنڌ حڪومت طرفان آواز اٿاريو ويو هو. جڏهن ته گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي جوڙجڪ وارو معاملو به ايترو ئي اهم آهي، جنهن تي سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي سياسي ڌرين کي آواز اٿارڻ گهرجي. اهو پهريون دفعو ٿيو آهي جو وزيراعظم شهباز شريف ناٽي واري وفاقي وزير کي هن ڪائونسل جو ميمبر بڻائڻ بدران پرڏيهي معاملن جي وزير کي آندو ويو آهي. هن اهم فورم تي پرڏيهي معاملن جي وزير جو ڀلا ڪهڙو ڪم آهي؟

حڪمرانن کي اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته انهن جا جبر وارا فيصلا سٺا نتيجا نه آڻيندا. صوبن جو اطمينان ئي وفاق جي استحڪام جي ضمانت آهي. حڪمرانن جي تدبر کان خالي فيصلن جي ڪري بلوچستان جي تعلق جي تند هن جاگرافيائي سٽاءُ سان هيٺي ۽ ڪمزور بڻجندي وڃي. خيبر پختونخوا مزاحمت جي دڳ تي هلي رهيو آهي ۽ باقي رهي ٿو سنڌ صوبو. ان بابت به حڪمرانن کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ گدڙن ناهي ڪاڏي. تاريخ مان سکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، چوته هي ملڪ ڪنهن ٻئي سانحي جو متحمل نٿو ٿي سگهي.

"سَلُونِي سَلُونِي جي صدا بلند ڪندڙ مولا علي عليه السلام جي شهادت

اعجاز ممنائي

اڄ مولاءِ ڪائنات باب العلم امرالمؤمنين امام المتقين وصي رسول الله وخلفته بلا فصل حضرت علي ابن ابوطالب عليه السلام جي شهادت جو ڏهاڙو آهي جنهن عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهي انصاف جون تقاضائون اهڙي ريت پوريون ڪيون جو هر ڪو کين عادل امام سڏڻ لڳو. جيڪڏهن کين عبادت ۾ ڏسجي ته اعليٰ عابد نظر اچن ٿا جيڪڏهن شجاعت ۾ ڏسجي ته هر محاذ تي ڪامياب ڏسجن ٿا جڏهن سخاوت جي صف ۾ ڏسجي ته نماز جي حالت ۾ به سائل کي منڊي ڏئي خالي نه ٿا موٽائن مطلب ته پاڻ يتيمن جا يار. هيڻن جا همراهه. علم جي شهر جو دروازو. فاتح خيبر. حقن ۾ مساوات ڪندڙ عدل انصاف ۽ امن جو علمبردار رهيا.

جڏهن هجرت واري رات قريش جي سردارن دارالندوه ۾ گڏ ٿي پيغمبر اڪرم صه جن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ته خداوند ڪريم پنهنجي محبوب کي حڪم ڪيو ته اوهان مولا علي ع کي بستر تي سمهاري هجرت ڪريو مولا علي ع پنهنجي جان تان هٿ کڻي رسول الله صه جي بستر تي سمهي پيا ۽ سندن حفاظت فرمائي اها قرباني خدا تعاليٰ کي ايتري ته پسند آئي جو من يشري نفسه ابتغاء مرضات اللهجي آيت نازل فرمائي جنهن جي معنيٰ آهي ته ماڻهن ۾ ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي الله جي خوشنوديءَ خاطر پنهنجي جان وڪڻن ٿا الله پنهنجي ٻانهن تي تمام گهڻو مهربان آهي جيڪڏهن کين علم جي ميدان ۾ ڏسجي ته پاڻ سڳورا صه جن فرمائن ٿا ته منهنجي امت ۾ امام علي عه سڀ کان وڌيڪ علم رکڻ وارا ۽ سڀني کان سٺو فيصلو ڪرڻ وارا آهن چوته مان علم جو شهر آهيان ۽ علي عه ان جو دروازو آهي ابن مسعود کان روايت آهي ته هڪ ڀيري پيغمبر اسلام امام علي عه کي سڏرايو ۽ اڪيلائپ ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪيون واپسيءَ تي مون ڪائن پڇيو ته پاڻ سڳورن صه ڇا فرمايو؟ ته جواب ڏنائون ته پيغمبر اڪرم صه مون کي علم جا هزار باب ڏنا ۽ هر باب مان هزار دروازا منهنجي لاءِ کلي ويا انڪري هڪ ڏينهن منبر تي ويهي ارشاد فرمايائون يامعشرالناس! سلوني سلوني قبل ن تفقدوني يعني اي انسانو! جيڪو چاهيو مون کان پڇو ان کان اڳ جو مون کي نه ڏسو پاڻ فرمايائون ته گذريل ۽ ايندڙ علم به مون وٽ آهي خدا جو قسم جيڪڏهن منهنجي لاءِ مسند قضاوت (فيصلي ڪرڻ جي جاءِ) وڇائي وڃي ته يهودين کي انهن جي ڪتاب توريت مان، اهل انجيل کي انجيل مان، اهل زبور کي انهن جي زبور مان ۽ اهل قرآن کي انهن جي قرآن مان فيصلو ڏيندس خدا جو قسم قرآن جو سڀ کان وڌيڪ علم مون کي آهي ۽ ان جي تاويل کي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو جيڪڏهن توهان مون کان قرآن جي هڪ هڪ آيت جي باري ۾ پڇندو ته توهانکي ٻڌائيندس ته اها آيت ڪٿي نازل ٿي ڪنهنجي باري ۾ نازل ٿي ناسخ ڪهڙي آهي ۽ منسوخ ڪهڙي آهي خاص ڪهڙي آهي ۽ عام ڪهڙي آهي محڪم ڪهڙي آهي ۽ متش ا ڪهڙ آهي مڪي ڪهڙي آهي ۽ مدني ڪهڙي آهي ان

ڪان پوءِ ڪنهن شخص ڪائنن رياضي جو سوال ڪيو جڏهن ته نه ڪلڪيوليٽر هو نه ڪا ڳڻپ جي مشينري هئي.

مولاءِ ڪائنات زيب منبر ٿيا ته ڪائنن سوال ڪيائون ياعلي اهڙو عدد ٻڌايو جيڪو هڪ کان وٺي ڏهن تائين جنهن سان به ونڊ ڪجي ته اهو پورو ونڊجي وڃي ۽ ان جو پاڇي ڪجه به نه بچي.

مولا مشڪلڪشا ع مسڪرائيندي سائل کي جواب ڏيندي فرمايو ته هڪ کان ڏهن تائين ڳڻپ اچي ٿي؟ چيائن ته جي مولا.

مولا فرمايو هاڻي هڪ کان ڏهن تائين ڳڻپ ڪر جنهن به انگ ۾ اکر "ع" اچي ان کي هڪ پاسي تي رک ۽ انهن انگن کي پاڻ ۾ ضرب ڪر جيڪو جواب ايندو ان کي هڪ کان ڏهن تائين هر انگ سان پورو ونڊي سگهجي ٿو. (عين ڪنهن جي نالي ۾ اچي ٿو اهل شعور لاءِ اشارو ڪافي آهي.)

سائل ڳڻپ ڪندي چار انگ اهڙا جدا ڪيا جن ۾ اکر عين آيو عربي ۾ انگن جي ڳڻپ ۾ پهريون انگ اربع 4 ٻيون سبع 7 ٽيون انگ تسع 9 ۽ چوٿون انگ عشر 10 آيو هاڻي انهن کي پاڻ ۾ ضرب ڪيائن

x4=28x9=252x10=25207

جنهن جو جواب 2520 آيو. مولا علي ع فرمايو ته هي اهڙو عدد آهي جنهن کي هڪ کان ويندي ڏهن تائين هر انگ سان پورو ونڊي سگهجي ٿو. مولا جو جواب ٻڌي اهو شخص لاجواب ٿي ويو.

عالم انسانيت جي اها عظيم ۽ اعليٰ شخصيت امير المومنين و امام المتقين مولا علي عليه السلام جنهن هر ميدان عام و خاص کي علم حلم صداقت ۽ شرافت جا سبق سيکاريا ان جي باوجود کين شهادت جو جام پيارڻ لاءِ سازشون سٽيندا رهيا ۽ سن 40 هجري ۾ انهيءَ خارجي گروهه کين نشانو بڻائي مسجد اندر روزي جي حالت ۾ شهيد ڪيو ويو تاريخ اسلام ۾ مسجد اندر اهو پهريون دهشت گرد گروهه سڏيو ويو آهي اهو گروهه جنگ صفين تائين امير المومنين مولا علي عليه السلام جن جي لشڪر ۾ شامل ٿي معاويه خلاف جنگ ۾ پيش پيش رهيا. هنن جون جيڪي خصلتون تاريخ ۾ درج آهن انهن جي مولا علي ع اڳواٽ نشاندهي ڪري ڇڏي هئي جنهن وقت پنبي ڪريم صه ماهه رمضان المبارڪ جي باري ۾ پنهنجو مشهور ۽ معروف خطبو ارشادفرمايو ته مان اٿي پاڻ ڪريمن صه جن کان پڇيو ته ان مهيني ۾ سڀ کان سٺو ڪم ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون گناهن کان پري رهڻ ان کان پوءِ پاڻ سڳورن صه جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ فرمايائون توهان کي ان ئي مهيني ۾ شهيد ڪيو ويندو

هن ٽولي جي انڌ عقيدي ۽ جهالت کي ڏسي هنن کي پهريون شڪار ابن عاص جهڙي شاطر وزير بڻايو.

جنگ صفين ۾ هنن جي اڳيان اهڙا ته هربا استعمال ڪيا ويا جو هنن جون اکيون ڦاٽي ويون ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ دهلن جي آواز کي شامي لشڪرن جي فرات

درياه جو رخ مٽائي ڪوفي لشڪر کي ٻوڙڻ جهڙا ڊونگ ۽ ڊراما رچايا ويا.

پر جڏهن مالڪ اشتر جهڙي امام علي عليه السلام جي بهادر عالم جرنيل سڀ فريب توڙي جنگ جي فتح جي آخري وار بلند ڪرڻ وارو هيو ته شامي لشڪر پنهنجي بچاءَ خاطر قرآن پاڪ کي نيزن تي بلند ڪري هنن خارجي گروهه جي جهالت سان لشڪر امام ع ۾ فتنو پيدا ڪري ڇڏيو

ايتري قدر جو مولا علي عليه السلام جن جي خيمي جو گهيرو ڪري امام ع کي هي ملعون حڪم ڏيڻ لڳا .

مولا علي عليه السلام جن جڏهن هنن جي جهالت ڏٺي ته فرمايو ها اسان قرآن پاڪ تي ئي فيصلو چاهيون ٿا پر انهيءَ ۾ فريقن جي طرفان حڪم مقرر ڪجن جنهن ۾ اسان جي طرفان ابن عباس کي نامزد ڪريون ٿا پر هنن انهيءَ جي به مخالفت ڪئي ۽ ابو موسيٰ اشعري جهڙي کي حڪم بڻايو ويو جنهن کي ابن عاص جهڙي مڪار بيوقوف بڻائي دوڪو ڏنو جنهن تي هنن خارجين باقاعده هڪ نعرو بلند ڪيو ته نه مولا علي عليه السلام جن جي خلافت کي مڃيندا ۽ نه وري شام وارن کي ۽ نهروان ۾ اچي باقاعده هڪ فوجي ڇانوڻي قائم ڪري لاحڪم الا بالله جو نعرو هڻي عام مسلمانن کي بي گناهه قتل ۽ مقتولن جي لاشن جي تذليل پڻ ڪندا رهيا مولا علي عليه السلام جن هنن جي نعري جي باري ۾ فرمايو ته بيشڪ حڪم صرف الله پاڪ جوئي هلندو پر زمين تي انهيءَ حڪم کي نافذ انسان ئي ڪرائيندا آهن انهيءَ ڪري پروردگار عالم پنهنجا نبي موڪليا. تنهنڪري لازم آهي ته خدا جي صالح ترين بندن جي اطاعت ڪئي وڃي ته جيئن عدل الاهي نافذ ٿي سگهي.

پر هنن خارجين وحشت ۽ دهشت ڦهلائڻ شروع ڪئي آخر ڪار جنگ نهروان ۾ هنن کي شڪست آئي مولا علي عليه السلام جن جي بقول ته توهانجا ڏهه به ڪونه بچندا

بلڪل ائين ئي ٿيو ۽ انهن بچي ويل ملعونن ۾ ناپاڪ ترين عبدالرحمان ابن ملجم پڻ شامل هيو جنهن 19 رمضان المبارڪ 40هه ۾ فجر جي نماز ۾ مولا اميرالمومنين امام علي عليه السلام جن کي زهر ۾ ٻڏل تلوار جو وار ڪري زخمي ڪيو ۽ محراب حق ۾ امامت جو سج رت ۾ ٻڏي ويو 21 رمضان المبارڪ تي زخمن جا تاب نه سهندي شهيد ٿي ويا ۽ امامت جو سج لهي ويو

عبدالرحمان ابن ملجم ملعون جهڙن خارجي خود ساخته دين ڏاهيندڙ هوندا آهن جيڪي جنت الماويٰ جي شوق ۽ پڪ ۾ هوندا آهن ۽ خدا جي منتخب ڪيل نبين يا امامن جو انڪار ڪري پنهنجي لاءِ جهنم ۾ جاءِ ڏاهيندا آهن مولا اميرالمومنين علي ابن ابيطالب عليه السلام سموري زندگي خدا جي ياد ۾ گذاري پاڻ زخمي ٿيڻ باوجود ذڪر الاهيءَ ۾ مشغول ۽ مصروف رهيا ۽ فرمايائون فزت ورب الڪعبته يعني ڪعبي جو قسم مان ڪامياب ٿي ويس

پاڻهي هيڪارَ، مون کان پڇيو سڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ، چيائون جنهن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نه لهي.

سنڌ جي تعليم ڪير سڌاري ۽ سڌرڻ جا معيار ڪهڙا هجڻ کپن؟

رحمت الله ٻرڙو

سوال سنڌ ۾ تعليم جي بهتر معيار جو آهي ته ڪيئن بهتر ٿي سگهي ٿي؟ ۽ ڪندو ڪير؟ جڏهن اها ڳالهه ڪجي ٿي ته پوءِ وري سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آخرڪار ڪروڙين نه پر اربين روپين جي بجيٽ هوندي ۽ وري عاملي ڊونرز ادارن کان ويندي عالمي بينڪ ۽ ايشين ڊولپمينٽ بينڪ ۽ ٻين ڪوڙ سارن ملڪن جي تعليم بابت سهڪاري فنڊز باوجود تعليم سڌرڻ بجاءِ پنهنجو معياروجي پيشي ڪيرائيندي..!!

انهن سوالن اٺن ۽ پڇڻ بعد گذريل هفتي جون معمولي قسم جون خبرون سامهون رکون ٿا ته ڏسون سنڌ جي تعليم کاتي کي اتي ويٺل سول ڪامورو ۽ وقت جي وزارت تعليم ۽ حڪومت ڪهڙي ته [illegible]

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 01

ڳالهائيندي صوبائي وزير جو چوڻ هو ته سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت هزارين سال قديمي آهي. سنڌ ۾ امن، محبت، ڀائيچارو ۽ رواداري جي امين آهي. صوبائي وزير جو چوڻ هو ته اهڙا ماڻهو ٻاهران ايندا آهي هتان امن جو پيغام کڻي ويندا ته سنڌ ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچارو آهي. ٻيا ٽورزسٽ اچن انهن کي ۽ دعوت ڏيون ٿا. سنڌ ۾ اها ڳالهه ورجائجي پئي وڃي ته سنڌ ۾ ڏاڙيل ڪلچر آهي. ڦرڙو آهن اهو دورو انهن لاءِ پيغام آهي جيڪي ملڪ کي غير مستحڪم بڻائڻ چاهين ٿا جيڪي ماڻهو ملڪ کي باغ بهار ڏسڻ نٿا چاهين. پاڪستان جي ترقي ۾ رڪاوٽ آهن انهي موقعي تي سيڪريٽري ڪلچر ٽورزم اينٽي ڪيوٽي آرڪائيز خالد چاچڙ. ايم پي اي رياض شاه شيرازي، ايم اين اي صادق علي ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا | سنڌيار | 02

اڃا رهيو هو ته ٽريڪٽر تان هيٺ ڪري ٽريڪٽر جي ٽائر هيٺان اچي زخمي ٿي پيو هو جيڪو ٽن ڏينهن کان لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال ۾ مسلسل علاج هيٺ هيو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي. فوتي نوجوان مزدوري ڪندو هو نوجوان جو لاش لاڙڪاڻي کان واپس نئون ديرو ۾ گهر پهچڻ تي گهر ۾ روڄ راڙو پئجي ويو وارث لاش کي چنبڙي دانهون ڪري روئيندا رهيا. ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو جي اڳوڻي ڪائونسلر منظور خاصخيلي ٻڌايو ته فوتي پائنيو آفتاب خاصخيلي 3 ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي کان مزدوري تان واپس ٽريڪٽر تي نئون ديرو اچي رهيو هو ته ميٽلا ڳوٺ وٽ ٽريڪٽر تان ڪري ٽائر هيٺان اچي زخمي ٿيو 3 ڏينهن تائين مسلسل چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي علاج هيٺ هو جتي اڄ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي نوجوان پائنيو ٽريڪٽر تي مزدوري ڪري لاڙڪاڻي ويندو هو جتان واپسي تي حادثي ۾ فوت ٿيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 03

۽ ٻي سبزي جا اگهه آسمان تائين پهچي ويا. ڪيرا 130، زيتون 150، صوف 450، گدرو 300، ۽ چڪون 250 روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. عملدار مڪمل طور غائب. ڪاڏي ٻيتي جي شين جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقي گوشت مڇي ۽ فروٽ کائڻ ڇڏي ڏنو. مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه جي ڪارندن جي منٿلي مقرر ٿيل آهي. اسان مٿان ڪا به ڪارروائي نه ٿيندي. دوڪاندار تفصيل مرجب. ڪي اين شاه جي دوڪاندارن عام واهپي وارين شين جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا. غريب ۽ مزدور طبقو سخت پريشان پلاري مهيني ۾ گوشت 1000، مڇي 700، مرغي 850، پينديون 350، گوبي 170، واڳڻ بصر ٽماٽا پٽاٽا ۽ ٻي سبزي جا اگهه به آسمان تائين پهچي ويا. صوف 450، ڪيرا 130، زيتون 150، گدرو 300 سئو روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. ڪاڏي ٻيتي جي شين جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقي گوشت، مڇي ۽ فروٽ کائڻ ڇڏي ڏنو رهواسين مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاه ۽ مختيار ڪار ڪي اين شاه آڏو دانهيندي چيو آهي ته ڇا ڪي اين شاه جي واپارين ۽ دوڪاندارن لاءِ ڪو قانون نه آهي؟ غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو روزي ڪولڻ لاءِ گوشت مڇي ۽ فروٽ خريد نه ٿا ڪري سگهن. شهر ۾ لڳ ڀڳ 500سئو دوڪاندار آهن. جيڪي غريب ۽ مسڪين ابوجه ماڻهن کي ڦلهي هٿن سان ڦرين ٿا. انتظاميه شهر ۾ ريٽ لسٽون لڳائڻ لاءِ به دوڪاندارن کي پابند نه ڪيو آهي. شهر جي سياسي سماجي ۽ سوشل ورڪرن ڪيترائي ڀيرا ڊي سي دادو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاه، مختيار ڪار ڪي اين شاه ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه کي شڪايتون ڪيون آهن ته اگهن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ منافعي خورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي پر هن مهل تائين ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي نه وري هن وقت تائين ڪي اين شاه ۾ ڪا به ٽيم موڪلي وئي آهي. هوڏانهن دوڪاندارن جو چوڻ آهي ته مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه جي ڪارندن جي منٿلي مقرر ٿيل آهي تنهنجي ڪري اسان مٿان ڪا به ڪارروائي نه ٿيندي.

بقايا | سنڌيار | 04

تعمير ڪرائي اتي لاڳاپيل سمورين سهوليتون فراهم ڪيون وڃن، اهڙو مطالبو سنڌ ڪلچرل فورم ضلع ٺٽي پاران سنڌ جي جڳ مشهور تاريخدان، مورخ، محقق، اديب ۽ صحافي پير حسام الدين شاه راشدي جي 42 هين ورسي جي مناسبت سان ناميارو محقق اديب ۽ شاعر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر حسن رند، سماج سڌارڪ اشفاق علي ميمڻ، اديب غلام نبي زئور، محرم علي پنهور ۽ ٻين جي قيادت ۾ مڪلي ۾ سنڌس مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ بعد ڳالهائيندي ڪيوان موقعي تي مقين کان علاوه سينٽر استاد سلطان قادر ٿهيم، وحدت نيٽ ورڪ ٺٽي جي نگران محمد ابراهيم هيجب، ٻڌين جي سماج سڌارڪ اعجاز احمد ويسرو، انعام الله قاضي سنڌ ڪلچرل فورم جي ڊاڪٽر حجاب فاطمه، سجل صادق، عبدالقدير پنهور، پير حسام الدين راشدي ۽ کي لفظن جي گلابن سان زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پير حسام الدين راشدي، سنڌ جو مثالي محقق، تاريخدان، مورخ، صحافي هيو جنهن مڪمل ذميداري ۽ سان پاڻ تي عائد قومي فرض نڀائيندي سنڌ جي تاريخ تي ڌارين حڪمرانن جي چاڙهيل دز ۽ دوڙ کي هٽائي چٽو ۽ صاف ڪيو، ساڃاه وندن وڌيڪ چيو ته پير حسام الدين راشدي سنڌ جو تمام وڏو ڏاهو انسان هيو جنهن پنهنجي لکڻين وسيلي سنڌ جي ترقي پسند فڪر، سوچن ۽ خيالن کي سگهاري انداز ۾ دنيا آڏو روشن ڪرايو اهو ئي سبب آهي جو ڪيس نه رڳو سنڌ پر دنيا ۾ وڏي احترام ۽ پيار سان ياد ڪري مڃتا ڏني وڃي ٿي هن وڌيڪ چيو ته راشدي صاحب محقق مورخ ۽ تاريخدان هوندي به سنڌ جي بهتر ۽ شاندار مستقبل لاءِ پريشان رهندو هيو ۽ سنڌ جي نوجوانن مان مايوس نه هيو انگريز نوجوانن کي گهرجي ته پير صاحب جي ڪيل علمي ادبي ۽ تحقيقي پورهئي جو مطالعو ڪري ان سان نيون راهون ۽ رستا تعين ڪن ۽ پنهنجي ڌرتي جي خدمت ڪري ان جي ناماچاري جو سبب بڻجن هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ڪلچرل فورم جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي جس هجي جيڪي هر سال يادگيري سان پير حسام الدين راشدي جي عظمت، ڏاهپ ۽ سنڌس ڪيل پورهئي کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاءِ سنڌس آسڻ تي حاضري ڀريندا رهن ٿا. ان بعد سنڌ جي صالح فرزند شيخ عبدالمجيد سنڌي جي مزار ۽ جڳ مشهور محقق، اديب ڊاڪٽر اينيميري شمل جي يادگار تي پڻ گل نڇاور ڪري سنڌن پورهئي ۽ عظمت کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

بقايا | سنڌيار | 05

وئي. ٻاهه تيز هئڻ ڪري پورهيت ناٿو ڪامڙيو، ربو ڪامڙيو، علي ڪامڙيو، غلام حسين، بچايو ۽ رفيق ڪامڙيو جي گهرن کي سميت 7 گهرن کي ٻاهه لڳي وئي. ڳوٺاڻن ۽ فائر برگيڊ جي مدد سان ٻاهه تي ضابطو آندو. گهرن کي ٻاهه لڳڻ جي نتيجي ۾ گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي. ٻاهه متاثرن چيو ته اوچتو گهرن کي ٻاهه لڳي وئي ٻاهه تيز هئڻ ڪري صرف پنهنجون جانيون بچائي سگهيا آهيون. گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي. مزدور آهيون سنڌ حڪومت ترڙي ضلعي انتظاميا کان واهر ڪري.

بقايا | سنڌيار | 06

چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ پريا ڪماري ۽ کي بازياب نه ڪرڻ ۽ وڌنڌڙ بد امنيءَ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن فيض ڪيريو، خالد سولنگي، هندو پنچائت جي اڳواڻ ڊاڪٽر پريم چند، دليپ ڪمار، ايس يو پي جي علي سومرو، شهيد پتوجي شوڪت پاٿوجو ۽ ٻين چيو ته 33 مهينن کان پريا ڪماري ۽ کي ڪنهن گم ڪيو ويو آهي پر حڪومت ڪيس آزاد نه ڪرائي سگهي آهي. هنن چيو ته پريا جا ماءُ پيءُ نياڻيءَ جي ياد ۾ تڙپي رهيا آهن پر قانون لاڳو ڪندڙ ادارا اڃا تائين اغوا ڪندڙ هٿن کي ڳولي ناهن سگهيا. هنن چيو سموري سنڌ ڌاڙيلن جي آماجگاه بڻجي چڪي آهي ۽ ڌاڙيل ماڻهو سرعام ماڻهو اغوا ڪرڻ سان گڏ قتلام ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته جا حڪومت ايتري ڪمزور بڻجي چڪي آهي يا ملي ڀڳت سان هٿ وٺي امن امان خراب ڪيو پيو وڃي؟ هنن مطالبو ڪندي چيو ته پريا ڪماري، سميت سڀني ڪنهي گم ڪيل ماڻهن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾ امن امان قائم ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ سنڌ پرامن احتجاجن بدران مزاحمت جو رستو اختيار ڪندي. هنن چيو ته سنڌ امن چاهي ٿي ۽ اهو حڪومت جو فرض آهي ته ماڻهن کي پرامن زندگي گذارڻ لاءِ قانون تي عمل ڪرائي.

بقايا | سنڌيار | 07

ميمڻ پنهنجي مصروفيت سبب سمال ٽريڊرز جي سرپرست حاجي هارون ميمڻ کي استعيفي ڏئي ڇڏي. جنهن کي حاجي هارون ميمڻ منظور ڪري ڇڏيو جڏهن ته آل سپرير ڪائونسل چيئرمين حاجي شفيع عباسي واپاري تنظيمن ۽ سڪر سمال ٽريڊرز جي سرپرست حاجي هارون ميمڻ سان

مشاورت ڪانهي، آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ جي نائب صدر جنيد شيخ کان عهدي تان استعيفي وٺي ڇڏي آهي.

بقايا | سنڌيار | 08

وارداتن ۾ ملوث جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار، ڌوهن ۾ استعمال ٿيل پستول پڻ هٿ. تفصيلن موجب ٽلٽي ٽولنگ سٽيون شاه مراد لنڪ روڊ وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ عاشق عرف سلطان عرف طوطائي ولد ابراهيم هالو طور ٿي آهي. پوليس موجب ڪيس جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جوابدار ٽئي ۾ مختلف ڌوهن ۾ ملوث آهي. ٽنو ۽ مڪلي ٿاڻن تي جوابدار خلاف ڪيترن ئي ايف آءِ آرز داخل آهن. ٺٽي جي شهرين پاران ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان پاران ڌوهارين خلاف ڪيل ڪارروائين تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ايس ايس پي ٺٽو پاران جوابدارن خلاف ڪيل ڪارروائين ڪانهوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي ته ٺٽي ۾ ٿيندڙ ڌوهن ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 09

جيڪا مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي، جتي سنڌ جي امن جو علامتي جنازو ڪنيو ويو ۽ نعريبازي پڻ ڪئي وئي. جڏهن ته ريلي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن هٿن ۾ بئنر، پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي شرڪت پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ڪمال جنبلاٽ، خان غفار خان، زاهد حسين، ڪامريڊ بختاور ڪمال، حميرا سجاد، ايڊووڪيٽ ستار هليو، ڪامريڊ آزاد، سجاد گاڏهي، زاهد حسين ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته معصوم پريا ڪماري سال 2021 ۾ محرم دوران سبيل هلائي رهي هئي ته کيس اغوا ڪري گم ڪيو ويو. جيڪا 3 سال گذرڻ باوجود بازياب ناهي ڪرائي وئي. سندس امڙ هنجون هاري ٻاڏائي رهي آهي ته ٻچڙي آزاد ڪرائي ڏيو. پر پوليس سميت ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا معصوم ٻارن کي به تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام ويا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته اتر سنڌ خاص طور ڪشمور ڪنڌڪوٽ، گهوٽڪي ۽ شڪارپور وارا علائقا عام ماڻهن لاءِ غير محفوظ بڻيل آهن. اغوائن جو سلسلو رڪجي نٿو. هر روز ڪو استاد، شاگرد، عام شهري يا نٽدڙو ٻار ان لاقانونيت جي ور چڙهي ٿو. اسين سمجهون ٿا ته سنڌ جو امن هٿراڌو طور تباهه ڪيو ويو آهي. جنهن علائقي جا روڊ ۽ رستا به ڪچا هجن. بڪ بدحالي هجي اتي ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار پهچائيندڙ قوت ڪهڙي آهي؟ يقينن پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ بااثر قوتون، ترجا وڏيرا ۽ حڪمران ڳڏيل طور سنڌ جو امن تباهه ڪري رهيا آهن. هنن جو چوڻ هو ته وڏنڌڙ بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ کي رياست روڪي نٿي، ڌوهارين کي پشپناهي ڪري عوام جو جيئڻ جنجال بڻايو ويو آهي. اهڙي استحصالي نظام جو سڀ کان وڌيڪ شڪار عورتون ٿيون ٿيون جيڪي آسان ٽارگيٽ آهن. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته فوري طور پريا ڪماري کي آزاد ڪرائي سندس امڙ جي جهولي پري وڃي ۽ ان سان گڏ هر ان ماءُ سان انصاف ڪيو وڃي جنهن جا ٻچڙا ڪسيا ويا. اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ سخت قانون سازي ڪئي وڃي ۽ سنڌ اندر هٿراڌو طور ڪيل بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ ختم ڪري امن بحال ڪري عوام کي سک جو ساهه کڻڻ ڏنو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 10

هتان ڦرجي مزاحمت تي اي ايس آءِ نور احمد لاشاري گولين جو بڪ بڻجي ويو. سندس پاٽئي اقبال لاشاري ٻڌايو ته منهنجو چاچو ڪورٽ لاءِ ٽالي تي ڊيوٽي لاءِ وڃي رهيو هو. اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي پٺي پاسي پريارو پرايس اٽالن واقعي واري هنڌ پهچي وئي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪرايو ايس ايڇ او پريارو ٻڌايو ته واقعي بابت في الحال ڪجهه چئي نٿو سگهجي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي. واقعي جي خبر پوندي نوشهروفيروز جي مختلف شهرن جي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي آهي علائقي جي ڪڙو چاڙهي ايندڙ ويندڙ ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 11

اٽالا سان ڪري چادر ۽ چوڙيداري جو تقدس پائمال ڪندي اسان جي گهرن ۾ ڪاهي پئي ۽ گهرن ۾ پيل 2 تولا سون 50 هزار روڪ ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي ويئي آهي جڏهن ته منهنجي پٽ عبداللطيف چانگ کي ٻڌي گرفتار ڪري ويئي آهي هن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ فائرنگ ۾ اسان جي ڳوٺ مٿان ڪئي ۽ جڏهن ته اسان جي گهرن ۾ پاڻ مٿان سراسر اسان مٿان ظلم آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 12

پريا ڪماري جي آزادي لاءِ ٿارو شاه روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جسقم آريسر گروپ جسقم ضلع متياري سنڌي ادبي سنگت سماجي اڳواڻن ۽ صحافي برادري شرڪت ڪئي معصوم پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڪيل احتجاج ۾ جسقم آريسر گروپ جي اڳواڻ اسلم خيرپوري سنڌي ادبي سنگت جي اديب تاج جويو بشير ڪنٽري رفيق سومرو ايڊوڪيٽ پيرل مجيد الله رحمت الله تڪ پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالرزاق ڪوسو قومي عوامي تحريڪ ماجد خاصخيلي نعيم ملاح بي ايف يو جي اڳواڻ عبدالغفور ميمڻ (ادا ٻاڦ) محمد دين سونارو ڪبير پريس ڪلب عوامي پريس ڪلب متياري سعيدآباد پريس ڪلب پٽ شاه ۽ هالا پريس ڪلب جي صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پريا سنڌ جي نياڻي آهي. جنهن جي آزادي لاءِ پوري سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي. رياست جي اول ذميداري آهي. ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪري. پر سنڌ اندر ماڻهن غير محفوظ آهي اغواخوري کي هٿي وڌائي پئي وڃي. پريا ڪماري جي اغوا کي جيڪو ماڻهو ظاهري طور سامهون اچي ويا آهن پر انهي ڪري پوءِ نياڻي آزاد ناهي ٿي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 13

گهر واري جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي ان موقعي تي وڏي وزير سان مڪيش ڪمار چاولا، مير عابد خان ڀيو، ممتاز جکراڻي جن به گڏ هئا وڏي وزير تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو ته ضلعي ڪشمور جيڪب آباد شڪارپور گهوٽڪي ضلعن ۾ بد امني چوٽ چڙهيل آهي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ وفاقي حڪومت کي به امني بابت آگاهي ڪئي آهي وڏي وزير سيد مراد علي شاه چيو ته ڪشمور ضلعي سميت صوبي سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ ڌاڙيلن جي ڪري امن امان سبب روز انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن وڏي وزير چيو هن جلد ڪشمور ضلعي ۾ پوليس ۽ رينجرس کي جديد هٿيارن سميت جديد مشينري ڏني ڪچي وارن علائقن ۾ آسرائيتو آپريشن ڪيو ويندو ضلعي ڪشمور ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائي ڪشمور ضلعي مان هي هلندڙ اغوا انڊسٽري توڙي رتو چاڻ واري واري سلسلي جي ڳڏ ڪان ختم ڪري قبائلي تڪرارن جي خاتمي کي يقيني بڻايو ويندو...

بقايا | سنڌيار | 14

آهن: پوليس خبر موجب: بن قاسم ٿاڻي جي حد گهگهر ڦاٽڪ ويجهو نجي گيهه ڪمپني جي ٻاهريان گٽر جي مين هول ۾ 3 ڄڻا ٻڏي ويا. علائقي واسين پاران اطلاع ڏيڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي علائقي واسين جي مدد سان ٻڏل هڪ شخص نجيب ولد نصيب الرحمان کي بيهوشي واري حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو جڏهن ته گهٽي دير ڪانهي بن جشن جا لاش ڪڍيا ويا. ان ڏس ۾ بن قاسم پوليس عملدارن رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعو گيهه جي نجي ڪمپني جي مين هول ۾ پيش آيو آهي جو گٽر جي مين هول ۾ ٽيٽي جتا ڪيو جي جڳهه سان سڀ ڪيڏن جي نيٽ سان اندر گهڙيا ته ٻئي گذرڻ باوجود جڏهن ته ٻيا اسان کي اتي موجود هئا 15 تي اطلاع ڏنو جنهن بعد پوليس علائقي واسين جي مدد سان گڏجي ٻهرين ٻيهوش ٿي ويل ٻه ڄڻن کي ۽ بعد ۾ ٻن جشن جا لاش ڪڍيا ويا. پوليس موجب ٻڏي فوت ٿي ويل ۽ زخمي شاهد لطيف ٽائون ۽ پيننس ڪالوني جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا آخري اطلاعن تائين فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 15

محرابپور ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجو مامو محمد امين جمالي منهنجي ناني مور جمالي جي زمين مان مون کي 2 جريب زمين حصي ۾ ملي آهي جنهن تي منهنجي مامي زوري هٿيار بند وهاري زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي ويتر منهنجي متان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي گذاري رهيو آهيان ۽ پوليس ۾ منهنجي مامي جي ونگارو بڻجي وئي آهي هن چيف جسٽس پاڪستان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته مون سان انصاف ڪيو وڃي ورنا احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 16

معاملي تان قتل ٿيل ٻن سگهين پائرن وسيم صابقي، صدورو صابقي جي قاتلن جي گرفتاري جي لاءِ قاضي سرفراز سيمڻ چوڪ تي احتجاجي

مظاهرو ڪري ڊرڙو هنيو ويو قتل ٿيل شاگردن جي والد لکاڏنو صابقي سنڌس امڙ مسمات زرينا ۽ پيٺن امينا عاشيه ۽ ٻين پاران سخت احتجاج ڪري ڊرڙو هنيو ويو ۽ قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو قاتلن جي گرفتاري سخت نعري بازي ڪئي وئي احتجاج دوران قتل ٿي ويل شاگردن جي امڙ مسمات زرينا سابقي پنهنجي پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي جيهن کي موجود ماڻهن بچائي ورتو ان دوران هو دانهون ڪندي بيهوش ٿي وئي ڌرتي ۾ احتجاج ڪندڙن چيو ته ٻ 22 ڏينهن گذري چڪا آهين پر اڃا تائين ماڙي جلباڻي پوليس جوابدار گرفتار نه ڪيا آهن. هنن چيو ته صرف هڪ جوابدار جمعو صابقي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته پوليس اهلڪار شهداد. بنون. ارباب صابقي اچا تائين گرفتار نه ڪيا آهن. پوليس پٺي پاڻي کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. . هنن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کي اپيل ڪئي ته قاتلن کي گرفتار ڪيون وڃي نه ته احتجاج جو ڏائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 17

ڪاليج جي استاد محرم علي سولنگي کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل برآمد ڪئي. تفصيل موجب گذريل سال استاد محرم علي سولنگي جي بحريه ڪاليج لڳ ڦورو ڪانٽس موٽر سائيڪل، موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا ۽ اڄ ڇهن مهينن کان پوءِ اهو سامان نوشهروفيروز پوليس واپس ڪرائي ڏنو ايس ايڇ او نوشهروفيروز جو چوڻ آهي ته جوابدار عطاء الله وسطڙو کي گرفتار ڪري سندس وٽان سمورو سامان برآمد ڪيو ويو آهي ان موقعي تي استاد محرم علي سولنگي ايس ايڇ او ۽ صاحب کي ڀلي ڪري ان تي ٿوئين جا هار پارايا ۽ مبارڪون ڏنيون ايس ايڇ او صاحب جو وڌيڪ چوڻ هو ته هن وڏي جدوجهد سان رڪوري ڪرائي آهي ۽ جوابدار تي ايف آئي آر پڻ داخل ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 18

. زخمين کي مختلف اسپتالن ۾ داخل ڪرايو ويو. حادثي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو تفصيل موجب هنگورجا جي پرسان دنگ واري مسجد سامهون رائي پور کان سيڌارجا ويندڙ اسڪولي ٻارڙن سان ڀريل ويگن ۽ ٽرالر جو ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ مظهر ماڏل اسڪول رائي پور ۾ پڙهندڙ اسڪولي شاگرد فاطمه ڪبر. طاهرا ڪبر. روا ڪبر. عبدالله. ڪشف ڪبر سميت 11 اسڪولي ٻارڙا زخمي ٿي پيا جن کي هنگورجا رائي پور ۽ گمبٽ جي اسپتالن ۾ پهچايو ويو آهي جڏهن حادثي ۾ ڊرائيور احتشار ڪبر ۽ ڪلينر صديق چاڪرائي پڻ زخمي ٿي پيا جڏهن ته روڊ حادثي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي هنگورجا پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا | سنڌيار | 19

. سنڌس ماءُ مسمات خورشد ۽ ڀيڻ ريحانا لغاري گڏجي سنڌس ٿي ڀيڻ رخسانا ۽ ان جي مڙس اعظم لغاري خلاف احتجاج ڪندي دانهيندي چيو ته اسان 3 سال اڳ گوٺ جي نيڪ مرد صديق لغاري وٽ پيٺن جي حصي جي زمين جو فيصلو ڪرايو ۽ فيصلي موجب رخسانا جي حصي ۾ پوئنا چار ايڪڙ زمين آئي ان باوجود اسان هن کي پورا چار ايڪڙ زمين ڏئي ڇڏي 3 سال ڪانهوءِ هاڻي ڀيڻ ۽ ان جو مڙس اسان جي ٻي زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ اتي تنبو هڻي ڪٺون ڪرڻي قبضو ڪري ويهي رهيا جنهن بعد اسان جڏهن پوليس کي درخواست ڏني پوليس ڪارروائي ڪري زمين تي لڳل تنبو هٽايو ته رخسانا ڪوڙو تشدد جو ڊرامو ڪري اسان جي پيٺائي غلام قادر لغاري ۽ سنڌس ڀاءُ اسلم لغاري مٿان ڪوڙا ٻي بنياد الزام لڳائي انهن کي بدنام ڪرڻ جي سازش ڪري اسان تي دباءُ وجهي رهي آهي ته اسان ٻي زمين به سنڌس حوالي ڪري ڇڏيون هن چيو ته منهنجي ڀيڻ ۽ سنڌس مڙس اعظم لغاري اسان تي ڪوڙا ڊراما ناهي بليڪ ميل ڪري پريشان ڪري رهيا آهن اسان هن کي جي زمين 3 سال اڳ ئي ڏئي ڇڏي آهي هاڻي ٻيهر هو اسان جي ٻي زمين ڦٻائڻ چاهين ٿا اسان کي هنن مان

بقايا | سنڌيار | 20

ڪري نعريبازي ڪئي. پريا ڪماري جي بازيابي جو مطالبو خبر موجب: قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو پاران اعلانيل مرڪزي سڏ تي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ قومي عوامي تحريڪ ملير پاران ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي مظاهري ۾ پارٽي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن اشفاق چنڙ، عبدالمنان شيخ، ڪاشف خاصخيلي، عبدالغفور لاکو، ساجد گوريلو، فياض اتيرو، ضمير لغاري، عبدالقادر جتوئي، پيپري سوشل فورم جا اڳواڻ قلندر بخش ملاح، مير مرتضيٰ گبول، گل محمد منگي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پريا ڪماري جي اغوا کي گهڻائي سوال اٿاريا آهن جنهن جو جواب ڏيڻ جي لاءِ ڪو به حڪومتي نمائندو تيار ناهي، معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي هڪ سواليه نشان بڻيل آهي سنگار شهر جي سياسي سماجي ماڻهن جي خاموشي پڻ هڪ وڏو اليو آهي ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان پريا ڪماري جي گهرڀاتين ۽ هندو برادري سان برابر جا شريڪ آهيون. هنن چيو ته اڄ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي مرڪزي سڏ تي جتي سڄي سنڌ ۾ احتجاج ٿي رهيا آهن ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير آڏو احتجاج ڪري رهيا آهيون هن چيو ته هٽ وٺي هندو برادري کي تنگ ڪري ڪين سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي اهڙيون سازشون سنڌ لاءِ نقصانڪار آهن ان ڪان اڳ به ڪيترن ئي هندو برادري جي ماڻهن کي اغوا ڪيو ويو آهي جيڪا هندو برادري سان وڏي زيادتي آهي. هنن چيف جسٽس آف پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ، ڊي جي رينجرز ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پريا ڪماري کي جلد بازياب ڪرائي ان جي وارثن ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هندو برادري جي ماڻهن ۾ ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 21

ڪارروايون ڪري 3 گنگو ماڻو وڪرو ڪندڙ ڌوهارين باڇا زمان پٺاڻ، محمد خالد لغاري، عبدالعزيز قمبراڻي ۽ 1 منشيات فروش سجاد شاه کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي قبضي سان 300 ڪلو چرس، 30 ڪلو تمباڪو جي پتي، 700 مکيه پيڪ، 300 گٽڪا ماوا، 1 واٽر ٽينڪر نمبر XA_678 BKB، مهراڻ ڪار نمبر 901ع ديسي شراب جا 13 بوتلون هٿ ڪيون ويون آهن. جوابدارن خلاف گٽڪا ايڪٽ ۽ نارڪوٽڪس آرڊيننس تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 22

33 کان 39 سيڪڙو مارڪون ڪڍندڙ بدين ضلعي جي اميدوارن جو نور حسين ڪوس، شعيب پرڳڙي ۽ نياز محمد لنڊ جي اڳواڻي ۾ ڏيکي موڙ کان ريلي ڪڍي ٽنڊو باگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ماستري جي اميدوارن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٻ ٻ جي 2021 ۾ ورتل ماستري جي ٽيسٽ ۾ تعليم واري وزير ۽ سيڪريٽري تعليم ڪاتي ۾ پنهنجي پاليسي قائم ڪري پنهنجي منپسند علائقن کي هارڊ ايريا جاڻائي اتي جي نوجوانن کي گريس مارڪون ڏئي 33 سيڪڙو تي پاس ڪري آفر ۽ جوائنگ آرڊر جاري ڪيا جڏهن ته اڄ سنڌ جي 39 سيڪڙو مارڪون ڪڍندڙ اهل اميدوارن کي سافت ايريا جاڻائي نظرانداز ڪيو ويو ماستري جي اميدوارن چيو ته 30 مهينن کان لڳاتار سراپا احتجاج بڻيل آهيون. پر سنڌ حڪومت اسان جي هڪ به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي، وزيراعلي سنڌ ۽ تعليم واري وزير کان مطالبو ڪيو ته هي پاليسي ختم ڪري سڄي سنڌ جي نوجوانن کي 33 سيڪڙو تي پاس ڪري ميرٽ لسٽ ۾ شامل ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن

بقايا | سنڌيار | 23

پريا ڪماري جي آزادي لاءِ شهيد شاهنواز ڀٽو چوڪ کان ريلي ڪڍي نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرو ڪندڙن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ حڪومت معصوم نياڻي پريا ڪماري کي بازياب ڪرائڻ لاءِ سنجيده ناهي جيڪڏهن سنڌ حڪومت ۽ سنڌ پوليس چاهي ته پريا ڪماري کي بازياب ڪرائي سگهي ٿي هن چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ قائم ٿي چڪو آهي ۽ انهن طرفان وڏن ۽ ٻارڙن کي اغوا ڪري پنگ وٺي پوءِ ڇڏيو وڃي ٿو هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ آءِ جي کان اپيل ڪئي ته معصوم نياڻي پريا ڪماري سميت سنڌ مان اغوا ٿيل ماڻهن کي فوري بازياب ڪرايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 24

مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ عورت سسئي خاتون زال ممتاز ميرجت پنهنجي پٽن، رفيق، توفيق، پيٽرن ڪونج خاتون، سردار خاتون، مامي محمد حسين ميرجت ۽ ٻين سان گڏجي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته گذريل 28 مارچ جمعي جي ڏينهن وليد ٿاڻي جي اهلڪارن

حبدار چانڊيو، عرفان سومرو ۽ ٻين منهنجي 20 سالا نوجوان پٽ ذهني مريض سعيد احمد ميرجت کي نماز تان واپس گهر ايندي بيگناه گرفتار ڪيو، جنهن جي آزادي لاءِ پوليس اسان کان هڪ لک روپيا رشوت طلب ڪئي. هن الزام لڳايو ته رشوت نه ڏيڻ تان پوليس ذهني مريض پٽ کي سخت تشدد ڪندي بجلي جون شاڪون ڏنيون. جنهن کان پوءِ سنڌس مٿان پوليس جي ڪوڙي مقابلي جو ڪيس داخل ڪري جنگ ۾ گولي هڻي ڪيس زخمي ڪري چڏيو آهي. جڏهن ته اڳ ۾ ساڳئي ٿاڻي جي پوليس 3 ڀيرا پٽ سعيد احمد کي گرفتار ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيا آهن. جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي مٿي ڄاڻايل پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سميت پٽ مٿان داخل ڪيل ڪيس ختم ڪري ڪيس آزاد ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 25

شهر لڳ سبيرا ڳوٺ جو رهواسي 20 سالا نوجوان پورهيت عبدالخالق سبيرو جيڪو ڪيتري عرصي کان آئيس ۽ هيروئن جي نشي جو عادي ٿي ويو هو فوت ٿي ويو آهي. علائقي واسين موجب ته منشيات جي ڦهلجڻ سبب نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي منشيات شهرن کان ڳوٺن ۽ اسڪولن تائين پهچي چڪو آهي جنهن ڪري تعليم جو بيڙو غرق ٿيڻ سميت سڪو شهري مختلف بيمارين ۾ مبتلائي ٿي ويا آهن شهر ڪيڏڻ ۽ منشيات جا عادي نشو نه ملڻ تي عوام جا ڪيسا ڪٽي ۽ چوريون پڻ ڪرڻ لڳا آهن هتان جي پرامن شهرين ضلع انتظاميا بدين سميت چونڊيل عوامي نمائندن ۽ وس وارن اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته هڪدم قدم کڻي ڪيڏڻ شهر کي منشيات کان پاڪ ڪيو وڃي ۽ منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ گروه کي گرفتار ڪري انهن خلاف قانوني قدم کڻي معصوم حياتيون بچايون وڃن

بقايا | سنڌيار | 26

معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ هندو پنچائت ، سول سوسائٽي ، سنڌي ادبي سنگت ، قومپرست ڪارڪنن جو شهر جي الفتاح چوڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو مظاهري ڪرڻ ڪانپوءِ ڊرڙو هنيو ويو ، احتجاج ۾ شامل سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر جي ايم گل ، فاروق ميمڻ ، هندوپنچائت جي مکي دولانو مل ، منور لال ، وجي ڪمار ، روي ڪمار ، سنجي ڪمار ، جهونو تاريخدان ليڪ قيمت سنڌي ، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ اعظم پٽي ، آغا جان آغا ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، صوفي حامد ، قومي عوامي تحريڪ جي ونود ميگهواڙ ، پ ٽ الف جي شاهنواز مهر ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي اغوا واري دردناڪ واقعي کي اڍائي سال کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود سنڌس بازيابي معمو بڻيل آهي ، جنهن ۾ ڪچي جي ڌاڙيلن بجاءِ پڪي جا ڌاڙيل گڏ شامل آهن جنهن جا پيرا سرڪار اڍائي سال گذري وڃڻ باوجود خاموشي اختيار ڪرڻ حڪمرانن لاءِ سواليه نشان آهي ، جنهن ۾ سڪرجي قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کان پڇائڻ ڪرڻ گهرجي ته هو پنهنجي علائقي جي معصوم نياڻين کي تحفظ ڏياري نٿا سگهن ، عوام جي ڏنل ووٽ جي ڪهڙي عزت ڪن ٿا ، سنڌ جي مظلوم نياڻي پريا ڪماري هاڻي نه صرف هڪ خاندان جي نياڻي آهي پر اها سڄي سنڌ جي قومي نياڻي بڻجي وئي آهي جنهن لاءِ هندو پنچائت سميت سنڌ جون سمورين سنڌ دوست قومپرست پارٽيون تنظيمون ، سول سوسائٽي ۽ سماجي تنظيمن جو سڄي سنڌ اندر سراپا احتجاج جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي جيڪو سلسلو هاڻي سڪرجي روڊن رستن کان سنگرار جي پاڙي مان اسيمبلي جي ميمبرن جي گهرن جو گهيراءَ ٿي سگهي ٿو ته وري ايوانن آڏو طويل احتجاجي دڙنا لڳائي معصوم نياڻي پريا ڪماري کي هر حالت ۾ بازياب ڪرايو ويندو ، پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ اعلي عدالت کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪريون ٿا ، احتجاج ۾ مردن سان گڏ عورتن جو انگ به شامل هو

بقايا | سنڌيار | 27

اطلاع تي پوليس ڪاروائي ڪري هڪ هفتو اڳ ضلعي سڪر جي پنو عاقل واري علائقي واسي اغوا ٿي ويل حساب ميراڻي کي پوليس ڌوهارين سان ميبنا مقابلي بعد بازياب ڪرائڻ جي دعوي ڪئي آهي انهي سلسلي ۾ پوليس ترجمان موجب ته خانپور جي ڪچي ۾ ڌوهارين خلاف انٽيليجنس بيسڊ ۽ ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري آهي جنهن ۾ خفيه اطلاع ۽ مليو ته ڌوهاري خانپور جي ڪچي واري علائقي ڳوٺي تيغو مان مغوي حساب ميراڻي کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪري آهي پوليس جي پهچڻ تي ڌوهارين پوليس کي ڏسندي فائرنگ ڪري ڏني پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ڌوهاري مغوي کي ڇڏي فرار ٿي ويا آهن ڌوهارين جو گهيرو تنگ ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي پوليس ڪارروائي ڪري رهي آهي جلد ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويندو جڏهن ته مغوي حساب ميراڻي جي بازيابي جو اطلاع سنڌن جي وارثن کي ڏنو ويو آهي اهڙي اطلاع بعد مغوي جي گهرڀاتين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي هن وقت ۽ ڌوهارين وٽ ڏهه کان مٿي مغوي ڌوهارين وٽ يرغمال بڻيل آهن

بقايا | سنڌيار | 28

ورثن موقعي تي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جو چوڻ هو ته هن وقت اسپتال اندر مريضن کي علاج معالج جون سهولتون ملي رهيون آهن اهو ئي سبب آهي جنهن جو واضح ثبوت اهو آهي جو اڄ مرڪل جي ڏينهن به مريضن جي رش آهي هن وقت به ڊيوٽي تي ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرينٽ سميت پيراميڊيڪل عملو موجود آهي هن چيو ته اسان وٽ چار ايمبولنسون هلنڌڙ آهن پر ڊرائيور صرف هڪ آهي جنهنڪري ڏڪيائين کان منهن ڏئي رهيا آهيون پر نئين DHO ڊاڪٽر عبدالحميد انصاري هڪ ڊرائيور ڏيڻ جو چيو آهي هاڻي معاملا ڪجهه بهتر ٿيندا هن چيو ته منهنجي ذاتي ڪوشش سان 1122 ايمرجنسي ايمبولنس سروس جاري ٿي آهي ان کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن سان نوشهروفيروز جي عوام کي تمام گهڻو فائدو ٿيندو هن چيو جلد سول اسپتال کي ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال جو درجو ڏيارڻ واري ڪوشش ڪري رهيا آهيون سائين

بقايا | سنڌيار | 29

نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي ۽ سنڌ ۾ جاري ڌاڙيل ڪلچر خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي ڊرڙو هنيو ويو، عوامي ورڪرز پارٽي، ناري جمهوري محاذ ۽ شهر جي مختلف سياسي، سماجي تنظيمن جي ڪارڪن ڪامريڊ سنگهار نوناري، ڪامريڊ فوزيه نوناري، شهري اتحاد جي صدر ڪامريڊ وهاب پندراڻي، شانل ڪوسو، سائره پندراڻي، انيل ڪمار، نواز ليگ مناري ونگ جي صوبائي اڳواڻ وشال پليائي، ديوان تخت راءِ، سول سوسائٽي اڳواڻ مجاهد اعوان، ايس ٽي پي امداد سومرو، ايس يو پي جي حمل خشڪ، پ ٽ شهيد ڀٽو جي ذوالفقار مگسي، جيئي سنڌ محاذ اڳواڻ حبدار ميرجت، قوم پرست اڳواڻ معتبر چانڊيو، انور مغل، نصير سيلرو، ايوب ڪوسو، ديدار سومرو، سڪندر سيلرو، ستار مگنهار ۽ ٻين عورتن ٻارڙن ليبر هال کان ريلي ڪڍي ڪلوموٽو چوڪ تي پهچي شاميانه هڻي ڊرڙو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته سنگرار مان 2 سال اڳ معصوم نياڻي پريا ڪماري کي اغوا ڪري گم ڪيو ويو آهي جنهن اڄ تائين ڪو به ڏس پتو ناهي هنن چيو ته رياست جي ذميواري آهي ته هر شهري جو تحفظ ڪري ان کي هنن چيو ته معصوم پريا سنگرار جي پيرن شاهد شاه ۽ زاهد شاه وٽ قيد آهي جنهن ڪي فورن پيرن جي انڪوائري ڪرائي حويلن جو مڪمل شفاف سرچ آپريشن ڪري معصوم پريا کي بازياب ڪرائي سنڌ ۾ پڪڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، هوڏانهن سنڌ سڀا پاران به ڪارڪنن هٿن ۾ جهنڊا کڻي نذير ڪوسو، قيصر بروهي، فراز مگسي، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ معصوم پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڪوٽو موٽر چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا | سنڌيار | 30

. شڪارپور ادبي ۽ سماجي فورم ۽ ڪميونٽي ايڪشن فار رورل ڊولپمينٽ (ڪارڊ) پاران شڪارپور جي جاڪوڙي ڪردارن جي جرئت ۽ ٻي لوٽ جذبن کي جس ڏيڻ لاءِ هڪ سرهي سانجهه پريس ڪلب شڪارپور ۾ رچائي وئي، جنهن ۾ شهر جي علم، ادب، آرٽ، صحافت، سنگيت ۽ سماجي خدمتن سان سلهاڙيل شخصيتن جي خدمتن کي واکاڻيندي سنڌن تجربن ۽ مشاهدن جي روشني ۾ اتساه حاصل ڪيو ويو انهي واري اديب ۽ دانشور ممتاز منگي جي صدارت ۾ منعقد تقريب ۾ مهمانن جي پينل ۾ راز سنڌي، ضياء شاه، قاصر نواز شاه، استاد نظير ديهو، عبدالسميع چنو، ظفر علوي، عبدالجبار "عاجز" منگي، عديل علوي، آپا صفيا عباسي، اسد نور ميمڻ ،رفيق دايو، عمران لاڙڪ، علي آغا دراني، زبير سومرو، زاهد سنڌو، عبدالرحمان سومرو، غلام علي "گل، آغا سعيد، انور علي سومرو، شامل هئا جڏهن ته

آجيائي تقرير ڪاڙ جي سي اي او پرويز ابڙو پيش ڪئي ۽ ڪميسٽرنگ نوجوان شاعر زبير "ساجنڪئي" پروگرام ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عورتن ۽ مردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مقررين چيو ته اسان وٽ عاليشان انسان ۽ سنڌن شاندار روايتن واري تاريخ رهي آهي. شڪارپور دنيا جو اهو واحد شهر آهي جنهن جا سمورا ادارا شهرين پنهنجي ذاتي خرچ سان ٺاهيا هئا پر افسوس ته اڄ ان شهر ۽ اتان جي خوددار ۽ جاڪوڙي ڪردارن کي نظرانداز ڪيو آهي. معاشري جي مانائتن ماڻهن جي "مڃتا" لاءِ گڏ ٿيل جي ڪٿ کا اميد پيدا ڪري ويو آهي ته مستقبل ۾ قدر شناسي جي نت نئين تاريخ لکي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 31

رابعه. صوبيه پٺاڻ ۽ ٻين احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته 2 سال اڳ اقبال انجر راجپوت نالي شخص غريب آباد ۾ پلاٽ وٺي ڏنو هو پلاٽ جي رقم مان 90 لک روپيا وٺڻ بعد فراڊ ڪري ساڳيوئي پلاٽ ٻئي ماڻهو کي وڪڻي ڏنو آهي سنڌن چوڻ هو ته فراڊ ڪندڙ اقبال انجر راجپوت ڌاڙهڻ بعد 30 لک روپين جا ڏنل چيڪ به پاس ناهن ٿيا چيڪ ڪوڙا ڏيڻ بعد گهر تي ٻي ويو آهي متاثر رابعه ۽ صوبيه پٺاڻ چيو ته مسلسل پريشاني سبب سنڌن پيءُ راض محمد پٺاڻ گڏڻ جي بيماري ۾ مبتلائي ويو آهي علاج لاءِ به پئسا ناهن هن جو گهر سفر ڪيو ٿي ويو آهي جوابدار اقبال انجر راجپوت خلاف اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيل عدالت جوابدار اقبال انجر راجپوت جا گرفتاري وارنٽ به جاري ڪيا ويا آهن پوليس جوابدار اقبال انجر راجپوت کي گرفتار نٿي ڪري متاثر نياڻين ۽ گهرڀاتين ڊي آءِ جي ۽ آيس ايس پي سکر کي اپيل ڪئي آهي ته فراڊ ڪندڙ اقبال انجر ۽ ڌمڪيون ڏيندڙ پٽ احسن راجپوت کي گرفتار ڪري ڪين پلاٽ وٺي ڏيڻ جي ٻهاني سان فراڊ ڪيل رقم 90 لک واپس ڏياري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 32

جي اڳواڻ ذوالفقار خاصخيلي، ولي محمد جوکيو، ظفر علي چانڊيو، رانا شير محمد، اعجاز سنگراه، عبدالوحيد ڏاهري، ظفر ٻگهيو، قاسم جاتي ٻگهيو، اسد ٻگهيو، غلام مرتضيٰ جوکيو، جگديش ڪمار، ايڊووڪيٽ گلزار عالماڻي ياسين سومرو، مولا داد لنڊ، خادم ڪوسو، ابرار سوراڻي، عبدالحميد پنهور، سڌير ميراڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. احتجاج ڪندڙن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ بينر پڻ هئا. سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري کي ظاهر ڪري آزاد ڪرايو وڃي ۽ امڙ سان انصاف ڪيو وڃي. پريا ڪماري سنڌ جي نياڻي آهي جنهن لاءِ هر باشعور پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي پنهنجي جو اظهار ڪري رهيو آهي ته جيئن سنڌ جائي پريا ڪماري بازياب ٿي سگهي، احتجاج ڪندڙ جي ڊبليو سي ۽ سياسي سماجي سول سوسائٽي اڳواڻن شهرين سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت رس وارن ادارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته بي گناه سالن کان اغوا ٿيل معصوم سنڌ جائي پريا ڪماري کي بازياب ڪرائي سنڌ ۽ واسين سميت سنڌس جيجل امڙ سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا | سنڌيار | 33

پاران ميرپور ماٿيلو پريس ڪلب اڳيان احتجاج، ۽ هڪ سنڌ هڪ پاليسي هڪ پاليسي نامنظور، پوري سنڌ هارڊ ايريا، سڄي سنڌ 33 تي پاس ڪرڻ جي پرپور نعري بازي. اسين لڳاتار ٽيهن مهينن کان روڊن تي پنهنجي حق لاءِ احتجاج ڪريون پيا پر افسوس جو سنڌ حڪومت اسان سان انصاف ناهي ڪيو رڳو پنهنجن من پسند علائقن جي ماڻهن کي 33 تي پاس ڪري آرڊر ڏنا ويا آهن ۽ اسان کي نظرانداز ڪيو ويو آهي جيڪو سنڌ جي باقي نوجوانن سان ظلم ڪيو پيو وڃي. اڳواڻ تفصيل موجب آءِ بي اي 2021 ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون ڪندڙ اميدوارن پاران ميرپور ماٿيلو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو، جنهن ۾ ضلعي گهوٽڪي جي تمام گهڻن اميدوارن شرڪت ڪئي ۽ هڪ سنڌ هڪ پاليسي پاليسي نامنظور، پوري سنڌ هارڊ ايريا، سڄي سنڌ 33 تي پاس ڪرڻ جي پرپور نعري بازي ڪئي وئي. احتجاج جي اڳواڻي آءِ بي اي تحريڪ ضلعي گهوٽڪي جي صدر بشير احمد ڪلوڙ ۽ نائب صدر سارنگ سنڌي ڪئي. ان موقعي تي اميدوارن شاهنواز گڏاڻي، سخاوت علي قادري، نعمان ڪولاچي، اظهر علي رند، سردار بوزدار، عبدالجبار مهر، قادر بخش بوزدار، راحب بوزدار، غلام مرتضيٰ لاشاري ۽ ٻين چيو ته اسين لڳاتار ٽيهن مهينن کان روڊن تي پنهنجي حق لاءِ احتجاج ڪريون پيا پر افسوس جو سنڌ حڪومت اسان سان انصاف ناهي ڪيو رڳو پنهنجن من پسند علائقن جي ماڻهن کي 33 تي پاس ڪري آرڊر ڏنا ويا آهن ۽ اسان کي نظرانداز ڪيو ويو آهي جيڪو سنڌ جي باقي نوجوانن سان ظلم ڪيو پيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ سنڌ ۾ پاليسي به هڪ جوڙي اسان کي به پاس ڪري آرڊر ڏنا وڃن. هنن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي غريبن ۽ مزدورن جي پارٽي آهي ۽ هميشه غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪئي آهي ۽ ٻي روزگارن کي روزگار ڏنو آهي. هنن چيو ته اسان کي يقين آهي ته سنڌ حڪومت اسان کي اسان جو حق ضرور ڏيندي. اميدوارن چيو ته اسان جو ڪيس ڪورٽ سگهوري ۾ هلي رهيو آهي ۽ جج صاحبان تي اسان جو يقين آهي ته اسان سان انصاف ڪيو ويندو، هنن مطالبو ڪيو ته هڪ سنڌ ۾ هڪ پاليسي جوڙي اسان کي به 33 مارڪن تي پاس ڪري آرڊر ڏنا وڃن چوڻ هائي ته هيد ماسترن کي به 33 مارڪن تي بحال ڪيو ويو آهي اگر اسان سان انصاف نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ سنڌ جي وڏي وزير ۽ گورنر آفيس اڳيان پر امن احتجاج ڪنداسين.

بقايا | سنڌيار | 34

کي 19 سال گذري ويا ، ثقافت کاتي ڪيس وساري ڇڏيو، وارثن پاران سنڌس ورسي سادگي سان ملهائي ويندي سنڌ حڪومت هائيرسيڪنڊري اسڪول کي بابا جي نالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو پر افسوس هيئير تائين آفيشل ليٽر جاري نه ڪيو ويو آهي. پروفيسر جاويد محسن هاشمي خبر موجب : تاريخي شهر ڪڪڙ جي رهواسي سنڌي ٻرلي ۽ غزل جي ناميارو برڪ شاعر، اديب ، سونهن ۽ فطرت جي سچي عاشق استاد سيد نياز علي شاه عرف محسن ڪڪڙائي 2 اپريل 2005 ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ، سنڌس وڇوڙي کي 19 سال گذري ويا ، استاد محسن ڪڪڙائي ڪافي ڪتابن جو ليکڪ به رهيو آهي ، جنهن ۾ سونهن جي ساڃاهه ، ڪنهنجي مان ميار ، امنگون ۽ ٻيا به ڪيترائي اڻ ڇپيل ڪتاب آهن ، محسن ڪڪڙائي جيئڻ ته سنڌي غزل جو تمام وڏو شاعر ۽ اديب پڻ رهيو آهي پر حڪومت سنڌ ، ثقافت کاتي ۽ سنڌي ادبي سنگت پاران سار نه لهڻ ڪري وارثن پاران سنڌس جي ورسي گهر ۾ سادگي سان ملهائيندا ، ٻئي طرف سنڌس فرزند پروفيسر جاويد محسن هاشمي رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت هائير سيڪنڊري اسڪول ڪڪڙ کي بابا جي نالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو پر افسوس هيئير تائين آفيشل ليٽر جاري نه ڪيو ويو آهي . هن وڌيڪ ٻڌايو ته ثقافت کاتي پاران هر سال جيان هن سال به بابا محسن ڪڪڙائي کي ياد نه ڪيو جنهن سبب اسين سنڌس جي 19 هين ورسي سادگي سان گهر ۾ ملهائينداسين

بقايا | سنڌيار | 35

هيا جيڪي شهرين جي پهچڻ بعد فرار ٿي ويا... رات رائي پور گمبٽ موڙ وٽان پوليس اهلڪار جبار پٽي ۽ هڪ نامعلوم ماڻهو پاران ڪار سوارن مٿان حملو ناري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي دانهن تي شهري پهچي ويا... شهرين پاران پوليس اهلڪار جي وڊيو ناهي پوليس اهلڪار نامعلوم ماڻهن سميت فرار ٿي ويا.. ڪار ۾ سوار ناري ۽ سنڌس وارثن ميڊيا کي ٻڌايو ته نري ميرواه جا شر آهيو سڪر مان دوا وٺي واپس ٿيا سين گمبٽ کان رائي پور طرف اچي رهيا هئا سين ته سول ڪپڙن ۾ هٿياربندن روڪڻ جي ڪوشش ڪئي نه بيهاسين ته اسان مٿان هٿيار سڌا ڪيا ويا جان بچائي رائي پور چوڪ تي ماڻهو ڏسي بيهاسين ته هٿياربندن گاڏي مان ناري کي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي اسان داهون ڪيون ته شهري گڏ ٿي ويا.. شهرين جي پهچڻ ڪانپوءِ هٿيار بند فرار ٿي ويا.. شهرين پاران رائي پور پوليس کي اطلاع ڪيو بعد ۾ پوليس دوران اهلڪار ۽ سنڌس ساٿي فرار ٿي ويا. هن دانهيندي چيو ته اسان ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪريون ٿا ته پوليس اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي نه ته پيءُ صورت ۾ ڪورٽ جو دروازو کڙڪائينداسين

بقايا | سنڌيار | 36

۽ محمود راجپوت جي مٿان گرم تيل هاري ساڙيندڙ جوابدار پوليس گرفتار نه ڪري سگهي، ساڙيل پورهيتن جي وارثن، شهري اڳواڻن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جو پريس ڪلب ۾ احتجاج، پريس ڪانفرنس 24 ڪلاڪن ۾ جوابدار گرفتار نه ڪرڻ جي صورت ۾ روڊ بلاڪ، شهر بند ڪري احتجاج جو چتاءُ تفصيل موجب خانپور شهر ۾ هڪ مهيترا اڳ دهشت پکيڙيندڙ دهشتگردن پکوڙا هلائيندڙ پورهيتن محمد عارف راجپوت ۽ محمود راجپوت جي مٿان گرم تيل جي ٿئي هاري پورهيتن کي ساڙيو ويو متاثر

پورهيتن جي وارثن ظهور احمد راجپوت ، صغير احمد راجپوت، محمد اشرف راجپوت، روئيندي دانهيندي چيو ته منهنجي پورهيت ٻچڙن جي مٿان ٻلاجراز گرم تيل هاري ساڙيو ويو آهي جن جو علاج هلي پيو روزگار به بند پيل آهي پوليس سميت چونڊيل تڪ جا نمائندا به لاتعلق بڻيل آهن ، پوليس جوابدار گرفتار نه پئي ڪري ، عوامي جدوجهد ضلع شڪارپور چيئرمين اصغر علي سيدار، شهري اڳواڻ حافظ محمد سليم آرائين، فقير نذير بلوچ ، سيد واجد علي شاه ، استاد محمد اسلم آرائين ، جي يو آءِ اڳواڻ مولانا عنايت الله بروهي، سيف الرحمان آرائين ۽ ٻين خانپور پريس ڪلب پهچي جوابدارن جي گرفتاري ۽ جو مطالبو ڪندي احتجاج ڪيو ۽ شهري اڳواڻن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پوليس کي نااليوار اين سي ڪرائي وٺي پر پوليس هڪ پڇي بيٺو نه ڪيو آهي جوابدار کلي عام گهمي رهيا آهن ٿا ، شهر ۾ ڪنهن جي مٿان معمولي اين سي ڪٽي ٿي ته پوليس شهرين جي گهرن ۾ گهڙي ٿي پٺي پرهتي جيڻا انسان ساڙيا ويا آهن پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ جي لاءِ ڪا ڪوشش نه ٿي پٺي ڪري ٿي پوليس جو ڪم صرف رشوت وٺڻ آهي شايد جوابدارن کان پوليس رشوت وٺي خاموش ويهي رهي آهي اهو ظلم ٿيل آهي پر جوابدارن کي ڪا گهٽي ٿي نه آهي ايس ايڇ او خانپور صرف جوا ، منشيات جي اڏن تان منٿليون وٺڻ ۾ پورو آهي شهر ۾ امن ڪرائڻ ته ۾ بلڪل پوليس ناڪام ٿي وئي آهي ، ايس ايس پي شڪارپور عرفان سمون پاڻ کي دبنگ سڏائي ٿو چيڪو خبر نه آهي ڪٿان کان ماڻهو ڪٽي هاف فراءِ ڪن ٿا علائقائي ڌوهارين پوليس کان ڏاڍا آهن ايس ايس پي شڪارپور کي جيڪڏهن ڪارڪردگي ڏيکارڻي آهي ته علائقائي ڌوهارين جي خاتمو ڪري ڌوهه ختم ڪرائي ڏيکار جيڪڏهن 24 ڪلاڪن ۾ پورهيتن کي ساڙيندڙ جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ته خانپور شهر بند ڪري انڊس هاءِ وي روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 37

مٿان مبينا طور فائرنگ ڪئي. جنهن ۾ هو معجزاتي طور بچي ويو اهڙي واقعي جو اطلاع علائقي واسين پاران حد جي ٿاڻي تي ڏنو ويس جنهن تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي واپس روانا ٿي وئي. ان موقعي تي شهري ذوالفقار علي شاهاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته مان پنهنجي گهر جي چت تان سولرجون پليٽون لهرائي رهيو هيس ته سامهون اينڊز ڪار ۾ سوار مبيز ابوو پنهنجي نامعلوم ساٿي سان گڏجي مان هٿيار ڪڍي ماري ڪرڻ ڪان پوءِ گاڏي مان هٿيار ڪڍي سڌي فائرنگ ڪئي. جنهن ۾ مان معجزاتي طور تي بچي ويو آهيان. اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنوسين، پر پوليس هٿياربندن خلاف ڪا به ڪاروائي ناهي ڪئي. جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي فائرنگ ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 38

انڊس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي پوليس موجب ته فوتي جي ماڻهن کي اطلاع ڏنو ويو آهي پوليس ذريعن موجب ته موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻندڙ ويگو گاڏي ٽرڪول پروجيڪٽ جي آهي ۽ انهي ويگو گاڏي ۾ زخمي کي انڊس اسپتال پڻ آندو ويو بدين پوليس ٽرپروجيڪٽ جي ويگو گاڏي ۽ ڊرائيور کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا | سنڌيار | 39

۽ ٻي سبزي جا اگهه آسمان تائين پهچي ويا. ڪيرا 130، زيتون 150، صوف 450، گدرو 300، ۽ چڪون 250 روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. عملدار مڪمل طور غائب. ڪاڏي ٻيتي جي شين جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقي گوشت مڇي ۽ فروٽ کائڻ ڇڏي ڏنو. مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه جي ڪارندن جي منٿلي مقرر ٿيل آهي. اسان مٿان ڪا به ڪارروائي نه ٿيندي. دوڪاندار تفصيل موجب. ڪي اين شاه جي دوڪاندارن عام واهپي وارين شين جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا. غريب ۽ مزدور طبقو سخت پريشان پلاري مهيني ۾ گوشت 1000، مڇي 700، مرغي 850، پينديون 350، گوبي 170، واڳڻ بصر ٽماٽا پٽاٽا ۽ ٻي سبزي جا اگهه به آسمان تائين پهچي ويا. صوف 450، ڪيرا 130، زيتون 150، گدرو 300 سئو روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. ڪاڏي ٻيتي جي شين جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقي گوشت، مڇي ۽ فروٽ کائڻ ڇڏي ڏنو رهواسين مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاه ۽ مختيار ڪار ڪي اين شاه آڏو دانهيندي چيو آهي ته ڇا ڪي اين شاه جي واپارين ۽ دوڪاندارن لاءِ ڪو قانون نه آهي؟ غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو روزي ڪولڻ لاءِ گوشت مڇي ۽ فروٽ خريد نه ٿا ڪري سگهن. شهر ۾ لڳ ڀڳ 500سئو دوڪاندار آهن. جيڪي غريب ۽ مسڪين ابوجه ماڻهن کي ڦلهي هٿن سان ڦرين ٿا. انتظاميه شهر ۾ ريٽ لسٽون لڳائڻ لاءِ به دوڪاندارن کي پابند نه ڪيو آهي. شهر جي سياسي سماجي ۽ سوشل ورڪرن ڪيترائي ڀيرا ڊي سي دادو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاه، مختيار ڪار ڪي اين شاه ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه کي شڪايتون ڪيون آهن ته اگهن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ منافعي خورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي پر هن مهل تائين ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي نه وري هن وقت تائين ڪي اين شاه ۾ ڪا به ٽيم موڪلي وئي آهي. هوڏانهن دوڪاندارن جو چوڻ آهي ته مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه جي ڪارندن جي منٿلي مقرر ٿيل آهي تنهنجي ڪري اسان مٿان ڪا به ڪارروائي نه ٿيندي.

بقايا | سنڌيار | 40

جيڪا مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي، جتي سنڌ جي امن جو علامتي جنازو ڪنيو ويو ۽ نعريبازي پڻ ڪئي وئي. جڏهن ته ريلي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن هٿن ۾ بئنر، پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي شرڪت پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ڪمال جنبلاٽ، خان غفار خان، زاهد حسين، ڪامريڊ بختاور ڪمال، حميرا سجاد، ايڊووڪيٽ ستار هليو، ڪامريڊ آزاد، سجاد گاڏهي، زاهد حسين ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته معصوم پريا ڪماري سال 2021 ۾ محرم دوران سبيل هلائي رهي هئي ته کيس اغوا ڪري گم ڪيو ويو. جيڪا 3 سال گذرڻ باوجود بازياب ناهي ڪرائي وئي. سندس امڙ هنجون هاري ٻاڏائي رهي آهي ته ٻچڙي آزاد ڪرائي ڏيو. پر پوليس سميت ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا معصوم ٻارن کي به تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام ويا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته اتر سنڌ خاص طور ڪشمور ڪنڌڪوٽ، گهوٽڪي ۽ شڪارپور وارا علائقا عام ماڻهن لاءِ غير محفوظ بڻيل آهن. اغوائن جو سلسلو رڪجي نٿو. هر روز ڪو استاد، شاگرد، عام شهري يا نٽدڙو ٻار ان لاقانونيت جي ور چڙهي ٿو. اسين سمجهون ٿا ته سنڌ جو امن هٿراڌو طور تباهه ڪيو ويو آهي. جنهن علائقي جا روڊ ۽ رستا به ڪچا هجن. بڪ بدحالي هجي اتي ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار پهچائيندڙ قوت ڪهڙي آهي؟ يقينن پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ بااثر قوتون، ترجا وڏيرا ۽ حڪمران ڳڏيل طور سنڌ جو امن تباهه ڪري رهيا آهن. هنن جو چوڻ هو ته وڏنڌڙ بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ کي رياست روڪي نٿي، ڌوهارين کي پشپناهي ڪري عوام جو جيئڻ جنجال بڻايو ويو آهي. اهڙي استحصالي نظام جو سڀ کان وڌيڪ شڪار عورتون ٿيون ٿيون جيڪي آسان ٽارگيٽ آهن. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته فوري طور پريا ڪماري کي آزاد ڪرائي سندس امڙ جي جهولي پري وڃي ۽ ان سان گڏ هر ان ماءُ سان انصاف ڪيو وڃي جنهن جا ٻچڙا ڪسيا ويا. اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ سخت قانون سازي ڪئي وڃي ۽ سنڌ اندر هٿراڌو طور ڪيل بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ ختم ڪري امن بحال ڪري عوام کي سک جو ساهه کڻڻ ڏنو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 41

معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ هندو پنچائت ، سول سوسائٽي ، سنڌي ادبي سنگت ، قومپرست ڪارڪنن جو شهر جي الفتاح چوڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو مظاهري ڪرڻ ڪانپوءِ ڊرڙو هنيو ويو ، احتجاج ۾ شامل سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر جي ايم گل ، فاروق ميمڻ ، هندوپنچائت جي مکي دولانو مل ، منور لال ، وجي ڪمار ، روي ڪمار ، سنجي ڪمار ، جهونو تاريخدان ليڪ قيمت سنڌي ، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ اعظم پٽي ، آغا جان آغا ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، صوفي حامد ، قومي عوامي تحريڪ جي ونود ميگهواڙ ، پ ٽ الف جي شاهنواز مهر ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي اغوا واري دردناڪ واقعي کي اڍائي سال کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود سنڌس بازيابي معمو بڻيل آهي ، جنهن ۾ ڪچي جي ڌاڙيلن بجاءِ پڪي جا ڌاڙيل گڏ شامل آهن جنهن جا پيرا سرڪار اڍائي سال گذري وڃڻ باوجود خاموشي اختيار ڪرڻ حڪمرانن لاءِ سواليه نشان آهي ، جنهن ۾ سڪرجي قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کان پڇائڻ ڪرڻ گهرجي ته هو پنهنجي علائقي جي معصوم نياڻين کي تحفظ ڏياري نٿا سگهن ، عوام جي ڏنل ووٽ جي ڪهڙي عزت ڪن ٿا ، سنڌ جي مظلوم نياڻي پريا ڪماري هاڻي

نه صرف هڪ خاندان جي نياڻي آهي پر اها سڄي سنڌ جي قومي نياڻي بڻجي وئي آهي جنهن لاءِ هندو پنچائت سميت سنڌ جون سمورين سنڌ دوست قومپرست پارٽيون تنظيمون ، سول سوسائٽي ۽ سماجي تنظيمن جو سڄي سنڌ اندر سراپا احتجاج جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي جيڪو سلسلو هاڻي سڪرجي روڊن رستن کان سنگرار جي پاڙي مان اسيمبلي جي ميمبرن جي گهرن جو گهيراءَ ٿي سگهي ٿو ته وري ايوانن آڏو طويل احتجاجي دڙنا لڳائي معصوم نياڻي پريا ڪماري کي هر حالت ۾ بازياب ڪرايو ويندو ، پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ اعلي عدالت کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪريون ٿا ، احتجاج ۾ مردن سان گڏ عورتن جو انگ به شامل هو

بقايا | سنڌيار | 42

معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ هندو پنچائت ، سول سوسائٽي ، سنڌي ادبي سنگت ، قومپرست ڪارڪنن جو شهر جي الفتاح چوڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو مظاهري ڪرڻ ڪانپوءِ ڊرڙو هنيو ويو ، احتجاج ۾ شامل سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر جي ايم گل ، فاروق ميمڻ ، هندوپنچائت جي مکي دولانو مل ، منور لال ، وجي ڪمار ، روي ڪمار ، سنجي ڪمار ، جهونو تاريخدان ليڪ قيمت سنڌي ، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ اعظم پٽي ، آغا جان آغا ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، صوفي حامد ، قومي عوامي تحريڪ جي ونود ميگهواڙ ، پ ٽ الف جي شاهنواز مهر ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي اغوا واري دردناڪ واقعي کي اڍائي سال کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود سنڌس بازيابي معمو بڻيل آهي ، جنهن ۾ ڪچي جي ڌاڙيلن بجاءِ پڪي جا ڌاڙيل گڏ شامل آهن جنهن جا پيرا سرڪار اڍائي سال گذري وڃڻ باوجود خاموشي اختيار ڪرڻ حڪمرانن لاءِ سواليه نشان آهي ، جنهن ۾ سڪرجي قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کان پڇائڻ ڪرڻ گهرجي ته هو پنهنجي علائقي جي معصوم نياڻين کي تحفظ ڏياري نٿا سگهن ، عوام جي ڏنل ووٽ جي ڪهڙي عزت ڪن ٿا ، سنڌ جي مظلوم نياڻي پريا ڪماري هاڻي نه صرف هڪ خاندان جي نياڻي آهي پر اها سڄي سنڌ جي قومي نياڻي بڻجي وئي آهي جنهن لاءِ هندو پنچائت سميت سنڌ جون سمورين سنڌ دوست قومپرست پارٽيون تنظيمون ، سول سوسائٽي ۽ سماجي تنظيمن جو سڄي سنڌ اندر سراپا احتجاج جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي جيڪو سلسلو هاڻي سڪرجي روڊن رستن کان سنگرار جي پاڙي مان اسيمبلي جي ميمبرن جي گهرن جو گهيراءَ ٿي سگهي ٿو ته وري ايوانن آڏو طويل احتجاجي دڙنا لڳائي معصوم نياڻي پريا ڪماري کي هر حالت ۾ بازياب ڪرايو ويندو ، پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ اعلي عدالت کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪريون ٿا ، احتجاج ۾ مردن سان گڏ عورتن جو انگ به شامل هو

بقايا | سنڌيار | 43

۽ ٻي سبزي جا اگهه آسمان تائين پهچي ويا. ڪيرا 130، زيتون 150، صوف 450، گدرو 300، ۽ چڪون 250 روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. عملدار مڪمل طور غائب. ڪاڏي ٻيتي جي شين جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقي گوشت مڇي ۽ فروٽ کائڻ ڇڏي ڏنو. مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه جي ڪارندن جي منٿلي مقرر ٿيل آهي. اسان مٿان ڪا به ڪارروائي نه ٿيندي. دوڪاندار تفصيل موجب. ڪي اين شاه جي دوڪاندارن عام واهپي وارين شين جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا. غريب ۽ مزدور طبقو سخت پريشان پلاري مهيني ۾ گوشت 1000، مڇي 700، مرغي 850، پينديون 350، گوبي 170، واڳڻ بصر ٽماٽا پٽاٽا ۽ ٻي سبزي جا اگهه به آسمان تائين پهچي ويا. صوف 450، ڪيرا 130، زيتون 150، گدرو 300 سئو روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. ڪاڏي ٻيتي جي شين جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقي گوشت، مڇي ۽ فروٽ کائڻ ڇڏي ڏنو رهواسين مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاه ۽ مختيار ڪار ڪي اين شاه آڏو دانهيندي چيو آهي ته ڇا ڪي اين شاه جي واپارين ۽ دوڪاندارن لاءِ ڪو قانون نه آهي؟ غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو روزي ڪولڻ لاءِ گوشت مڇي ۽ فروٽ خريد نه ٿا ڪري سگهن. شهر ۾ لڳ ڀڳ 500سئو دوڪاندار آهن. جيڪي غريب ۽ مسڪين ابوجه ماڻهن کي ڦلهي هٿن سان ڦرين ٿا. انتظاميه شهر ۾ ريٽ لسٽون لڳائڻ لاءِ به دوڪاندارن کي پابند نه ڪيو آهي. شهر جي سياسي سماجي ۽ سوشل ورڪرن ڪيترائي ڀيرا ڊي سي دادو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاه، مختيار ڪار ڪي اين شاه ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه کي شڪايتون ڪيون آهن ته اگهن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ منافعي خورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي پر هن مهل تائين ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي نه وري هن وقت تائين ڪي اين شاه ۾ ڪا به ٽيم موڪلي وئي آهي. هوڏانهن دوڪاندارن جو چوڻ آهي ته مارڪيٽ ڪاميٽي ڪي اين شاه جي ڪارندن جي منٿلي مقرر ٿيل آهي تنهنجي ڪري اسان مٿان ڪا به ڪارروائي نه ٿيندي.

بقايا | سنڌيار | 44

انسلسلي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي ۽ پ پ شهيد ڀٽو جي سڏ تي اڍائي سال اڳ اغوا ٿي ويل سنگرار جي رهواسڻ معصوم نياڻي پرياڪماري جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب آڏو ڪامريڊ ضيا پٽي سردار پيرزادو مهتاب علي شامي سراج ميراڻي عبدالغفار ميراڻي عامر پٽي ذبيح الله جتوئي ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري چٽي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته معصوم نياڻي پرياڪماري جي اغوا واري واقعي کي اڍائي سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي پر هن مهل تائين سڪر پوليس ڪيس بازياب ناهي ڪرائي سگهي هنن چيو ته پرياڪماري سميت سنڌ مان ڪيترائي معصوم ٻارڙا لاپتا بڻيل آهن جن جي گهرن ۾ قيامت صغرا جو منظر آهي پر افسوس جو پوليس توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا مسلسل ڪن لاڪار ڪندا پيا اچن اهو ئي سبب آهي جو نياڻي پرياڪماري جي عدم بازيابي تي اڄ پوري سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهن هنن اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پرياڪماري کي فوري طور بازياب ڪرائي سنڌ واسين ۾ پکڙيل بيچيني کي ختم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 45

دوران وڏي ڪاميابي حاصل، هڪ مغوي باحفاظت بازياب. ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون جي مطابق تقريبن 10 ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل ضلعي سکر جي پنو عاقل جي رهواسي حساب ولد غلام ياسين ميراڻي کي باحفاظت بازياب ڪرايو ويو. مغوين جي بازيابي لاءِ آپريشن ڪمانڊر ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون جي اڳواڻي ۾ خانپور جي ڪچي علائقن ۾ ڌوهارين خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري آهي. جاري ٽارگيٽيڊ آپريشن سميت ٽيم جي جامع حڪمت عملي تحت ۽ ڳجهي اطلاع تي خانپور ڳڙهي تيغو ڪچي جي علائقي مان هڪ مغوي کي باحفاظت بازياب ڪرايو ويو آهي. اغوا ڪندڙ مغوي کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪري رهيا هئا ته پوليس اغوا ڪندڙن کي گهيري ورتو ۽ سنڌن تعاقب ڪيو تعاقب دوران اغوا ڪندڙ ڌوهاري مغوي کي ڇڏي موقعي تان فرار ٿي ويا. ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ علائقي کي ڪڙو چاڙهي سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو. مغوين جي بازيابي ۽ ڌوهارين جي خاتمي تائين ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري رهندو.

بقايا | سنڌيار | 46

جهيڙو ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ سميت سازش تحت مونکي جان سان مارڻ يا ڪوڙي ڪيسن ۾ ڦاسائي سگهن ٿا نه جهيڙي سان منهنجو ڪوبه واسطو ناهي ايس ايس پي سجاول کي عرض ٿو ڪيان ته مخالف ڌر مونکي ڪنهن طريقي سان ڪوڙن ڪيسن وغيره ۾ ڦاسائين ان کي جعلي سمجهيو وڃي آئون اڳئي مسئلن ۾ ڦاٿل آهيان

بقايا | سنڌيار | 47

هڪ جلو گڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل. هڪ هفتو اڳ ساڳئي گٽر ۾ 2 ڄڻا ٻڏي فوت ٿي ويا هئا. تعداد 4 ٿي ويو هفتو اڳ واقعي بعد جيڪڏهن انتظاميا حفاظتي اپاءَ وٺي ها ته وڌيڪ جاني نقصان نه ٿي ها، پورهيت تفصيل موجب ملير جي پورٽ قاسم واري علائقي ۾ قائم ولي ڪمپني لڳ گٽر ۾ 2 نوجوان 35 ورهين جو نقيب ۽ ٻيو 25 ورهين جو نامعلوم گٽر ۾ صفائي دوران ساهه ٻوساجڻ سبب گٽر رڙيون ڪيون دوران ساٿي پورهيتن پهچي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٽيستائين هڪي فوت ٿي ويا پورهيتن جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو رضا ڪار پهچي ويا ضروري ڪارروائي بعد ٻنهي لاشن ۽ هڪ جڻي کي گڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو ياد رهي ته هڪ هفتو اڳ ساڳئي گٽر ۾ 2 ڄڻا 26 ورهين جو محمد امجد پٽ اختر ۽ 24 ورهين جو قدير احمد پٽ نعيم ٻڏي فوت ٿي ويا هئا جنهن بعد فوتين جو تعداد 4 ٿي ويو آهي ان حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي ته هڪ هفتو اڳ فوت ٿي ويل نوجوان بابت فيڪٽري انتظاميا اڃان تائين ڪا به وضاحت نه ڏني آهي ته آئل گٽر لائين ۾ نوجوانن کي انتظاميا صفائي لاءِ ٽڪر يا آئل چوري ڪرڻ لاءِ لٿا هئي طرف

پورهيتن ٻڌايو ته هڪ هفتو اڳ واقعي بعد جيڪڏهن وقت سر حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن ها ته وڌيڪ جاني نقصان نه ٿئي ها

بقايا | سنڌيار | 48

ٽنڊو ٽيسٽائين روڊ تي ڪلندر واپارين جو چتاءُ تفصيل موجب ڪيڏڻ شهر جي تاريخ جي ٻهرئين ڏينهن ڏلي جي ٻهرين وارادت جي نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زورتي شهر جي مشهور واپاري احمد ڪتي کان 10 لک روڪ رقم ڦر ڪري هوائي فائرنگ ڪندا درياءَ خان روڊ وٺي فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع ڪيڏڻ پوليس کي ڏنو ويو ايس ايڇ او ڪيڏڻ پهچي ڦورن جو پيڇو ڪندو درياءَ خان لنڪ روڊ طرف روانو ٿي ويو ڦرجي ويل واپاري وارادت خلاف واپارين ڪيڏڻ بدين مين روڊ بند ڪري ڇڏيو واپارين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ايس پي بدين ۽ ٻيا پوليس عملدار ناڪام آهن جستائين ڦر ٿيل رقم واپس ۽ ٽيندي ۽ ڦورو گرفتار نه ٿيندا ٻيا ڪوب ذميوار آفيسر ۽ اينڊو ٽيسٽائين روڊ بند رهندو هن خبر لکڻ تائين روڊ مڪمل بند هو

بقايا | سنڌيار | 49

در خاتون ڏي عبدالرسول بروهي ڌيجي فوت ٿي وئي جنهن کي وارث تعلقه اسپتال شهدادڪوٽ آندو جتي ڊاڪٽر فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا | سنڌيار | 50

لنڪ روڊ تي شان ڪاٽن فيڪٽري پرسان نامعلوم هٿيارئند ڦورن پاران گولين هڻي ٻي دردي سان شهيد ڪيو ويو آهي ٻي پاسي پريارو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ پوليس ٻڌايو ته پڪاچانگ لنڪ روڊ تي ڦورن هٿان ڪوٽ لالو ٿاڻي تي مقرر اي ايس آءِ شهيد ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ جاري ڪري رهيا آهيون. شهيد ٿيل اي ايس آءِ هڪ سال کان ڪوٽ لالو ٿاڻي تي مقرر ٿيل هو تازو پروموشن ٿيڻ بعد جمعدار مان اي ايس آءِ ٿيو هو اي ايس آءِ نور احمد لاشاري جي شهادت کان پوءِ سنڌس گهر ۾ روڄ راڙو پيجي ويو آهي. ان سلسلي ۾ شهيد اي ايس آءِ جي پٽ قلندر بخش لاشاري ٻڌايو ته منهنجو والد ڊيوٽي تي وڃي رهيو هو پوليس وردي ۾ هيو ڪيس ٽارگيٽ ڪري ٻي دردي سان قتل ڪيو ويو آهي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته هٿياربندن پئسا ، موبائل فون يا موٽر سائيڪل ناهي ڦرڪئي سڌو سنئون ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو آهي هن مطالبو ڪيو ته واقعي جا جوابدار فورن گرفتار ڪيا وڃن پٺي پاسي پرياسي اسپتال جي ڊاڪٽر هريش ڪمار ٻڌايو ته مقتول کي 4 گوليون سامهون ۽ ويجهي کان لڳل آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي پٺي پاسي پريارو پرسان واقعي واري هنڌ مختلف شهرن جي پوليس اٽالن پهچي علائقي کي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو آهي اينڊز ويندڙ ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي جڏهن ته ايس ايڇ او پريارو راڻا جمشيد ٻڌايو ته في الحال ڪجهه چئي نٿا سگهون حملي ۾ به پستل استعمال ٿيا آهن جوابدارن کي بخش ته ڪبو جاچ جاري آهي ٻي پاسي اي ايس آءِ جي شهادت کان پوءِ سنڌ جي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار ايس ايس پي نوشهروفيروز کان تفصيل طلب ڪري ورتا آهن گهرو وزير چيو ته سمورن جوابدارن کي جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ، واقعي جي جاچ کي ڪرايم سين سان گڏ ڪري شاهدن جي روشني ۾ ڪامياب ۽ ميونر بڻايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 51

ن شرڪت ڪئي. شهر جي مقامي اسڪول ۾ جماعت اسلامي جي ميزباني هيد رئيل افطار ڊنر ۾ ڊاڪٽر امتياز احمد شيخ، محمد ابراهيم دايو، اسد علي مغيري ۽ ٻين پريس بريفنگ ڏيندي چيو ته جماعت اسلامي جي فلاحي اداري الخدمت فائونڊيشن يتيم ٻارڙن جي ڪفالت جو پروگرام شروع ڪري رهي آهي هن پروگرام ۾ هڪ 100 اهي ٻارڙا شامل هوندا جن جي مٿان والد جي شفقت جو سايو ناهي رهيو. هنن چيو ته هن پروگرام ذريعي يتيم ٻارڙن کي تعليم، تربيت ڏيڻ سميت سنڌن مڪمل ڪفالت ڪئي ويندي ته جيئن هو ملڪ جي تعمير و ترقي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. هنن چيو ته الخدمت فائونڊيشن پاران هن پروگرام کان اڳ به شهر ۾ الخدمت ليبارٽري هلي رهي آهي جنهن ۾ غريب ماڻهن جون گهٽ قيمت ۾ معياري ٽيسٽون ڪيون وڃن ٿيون ۽ صحت جي شعبي ۾ ايمبوليس سروس ۽ الخدمت سوبائل ڪئمپ جو بندوبست ٿيل آهي ان سان گڏ شهرين کي صاف پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ آر او واٽر فلٽريشن پلانٽ پڻ هلي رهيو آهي جنهن ذريعي شهر جي غريب مسڪينن جي مدد جاري آهي. ان موقعي شهر جي مختلف سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جا اڳواڻ، سوشل ورڪر ۽ صحافي موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 52

ماڻهن جو حقيقي آواز آهن - / اقرار چانڊيو تفصيل موجب فريدآباد پريس ڪلب جي باڊي 2024 جي هڪ لاءِ چونڊجي وئي - جنهن ۾ اليڪشن ڪاميٽي جي چيئرمين اديب دانشور شاعر سرمد بروهي ،شهري اتحاد جي صدر عبدالقادر بروهي ۽ سينئر صحافي احمدعلي چانڊيو جي نگراني ۾ باڊي چونڊي وئي . جنهن ۾ سرپرست اعليٰ اديب دانشور محقق عبدالقيوم عرف جوهر بروهي . سرپرست سائين علي عباس چنا . صدر اقرار دانش چانڊيو . سينئر نائب صدر ايڊووڪيٽ عاشق سولنگي . نائب صدر مشتاق احمد بروهي . جنرل سيڪريٽري مريد چانڊيو . جوائنٽ سيڪريٽري مختيار علي ڪوسو .خزانچي سنگار چانڊيو . پريس سيڪريٽري غلام سرور چانڊيو . آفيس سيڪريٽري اعجاز احمد سولنگي . آڊٽ سيڪريٽري صابر سيدپور چونڊيا ويا ۽ ميمبر عبداللطيف بروهي . محمد اسحاق چانڊيو . نثار خاصخيلي . نياز حسين چانڊيو .. سرمد بروهي سائين علي عباس چنا ميمبر مقرر ڪيا ويا . ان موقعي تي فريدآباد پريس ڪلب جي نئين باڊي جي چونڊجي آيل صدر قرار دانش چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته فريدآباد جا صحافي ڪاچي جي مظلوم ماڻهن جو حقيقي آواز آهن . جڏهن ته چونڊجي آيل باڊي کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون .

بقايا | سنڌيار | 53

ڊاڪٽر وجئه رتنائي، لهل ڪمار، مڪيش شرما جي اڳوائي ۾ نوجوانن ۽ معصوم بارن پاران ريلي ڪڍي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ معصوم ٻارن پاران پريا جي آزادي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي، اڳوائن خطاب ڪندي چيو ته سنگرار شهرمان ٽي سال اڳ معصوم پريا ڪماري کي وچ شهرمان اغوا ڪيو ويو اغوا ڪندڙ واڪا به ڪري ٿي چڪا آهن پر بااثر هجڻ سبب ڪاروائي کان اڃا بڇيل آهن، اغوا ڪندڙن کي سنڌ حڪومت جي چونڊيل نمائندن جي آشيرواد حاصل آهي حڪومت انهن آڏو ڪوڏا ڪوڙي ويٺل آهي، هنن چيو ته سازش تحت سنڌ کي ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جي حوالي ڪئي وئي آهي هڪ طرف مانگهائي آهي ته ٻي طرف ڌاڙيلن جو ظلم آهي ماڻهون تنگ ٿي چڪا آهن. پريا ڪماري کي سنڌ حڪومت جي شامل ماڻهن جي ويجهن بااثرن اغوا ڪيو آهي ظالمن هڪ معصوم نياڻي کي اغوا ڪيو آهي جنهن جي جيجل ماءُ پنهنجي ٻچڙي جي آزادي جي دردر ٿڪي رهي آهي پر ظالمن کي رحم نٿو پوي اسان مطالبو ڪريون ٿا ته معصوم پريا کي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 54

ي هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي ويو آهي ڊاڪٽرن پاران پرليو جو شڪ ڏيکاريو ويو آهي غريب هجڻ ڪري پنهنجي پٽ جو علاج ڪرائي نٿو سگهان مالي مدد ڪئي وڃي ٻيمار معصوم ساجن جا والدين تفصيل موجب ماٿلي شهر قليلي پل لڳ گوشت جي اڏي تي ڪم ڪندڙ پورهيت گل حسن سولنگي ٻڌايو ته منهنجو پٽ پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو آهي ڪوڏن کان هيٺ جنگهن ۾ سگهه نه هجڻ ڪري گهمڻ ڦرڻ هلڻ ۽ راند ڪيڏڻ کان محروم آهي معصوم معذور ساجن سولنگي جا ماءُ پيءُ غريب هجڻ ڪري بيماري ۾ ورتل معصوم ساجن سولنگي جو علاج ڪرائي نه سگهيا ان سلسلي ۾ معصوم ساجن جي والد پورهيت گل حسن سولنگي جو چوڻ آهي ته آئون گوشت جي اڏين تي مزدوري ڪري ٻچڙن جو پيٽ پالڻ ۾ پورو آهيان قليلي ڪپ پرسان جهوپڙي ۾ زندگي بصر ڪري رهيو آهيان منهنجو معصوم پٽ ننڍپڻ کان پراسرار بيماري ۾ مبتلا آهي علاج ۽ ٽيسٽن جا پئسا نه هجڻ ڪري معصوم پٽ جو علاج نه ٿو ڪرائي سگهان. ٻئي طرف معذور ساجن جي امڙ ذڪر ڪندي روئيندي چيو ته اسان تمام غريب آهيون. منهنجو مڙس گوشت وارين اڏين تي مزوري ڪندو آهي، جيڪو ڪمائي اچي ٿو ته پيٽ گذر ۾ پورو ٿيو وڃي. ننڍڙي معصوم جي حالت ڏسي اسان جو ڪاٺ پيشڻ حرام آهي ۽ نه ئي علاج جي سگهه آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته غريب معصوم معذور ساجن سولنگي جي مالي مدد ڪئي وڃي يا ان جي پٽ جي علاج جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن معصوم ٺيڪ ٿي ڪري پنهنجي ٻهتر زندگي گذاري سگهي